


SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

نـاري پبليڪيشنـــس

جو ويهون ڪتاب

# روشن چانورو

(سنڌي ڪهاڻيون)

ليکڪا

ثميره زرين

Book No. A-93
Date 15-9-91

ناري پبليڪيشنس
حيدرآباد سنڌ.
1989ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڀ حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ آهن

ڇاپو : پهريون

ڇپجڻ جو سال اپريل 1989ع

ڳاڻيٽو : هڪ هزار

لکپڙهه جي ائڊريس :
ناري پبليڪيشنس باڪس نمبر 15 حيدرآباد سنڌ

قيمت : 30/-

ڇپائيندڙ : نذير ناز پاران ناري پبليڪيشنس حيدرآباد سنڌ

سول ايجنٽ : "شاهه لطيف ڪتاب گهر" ويجهو حيدر چوڪ
گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

ڇپيندڙ : ص : 9 کان 208 پرفيڪيٽ پريس حيدرآباد
ص : 209 کان 244 نيو گرين پرنٽرس صدر حيدرآباد
فون نمبر 29381

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪهاڻين جي فهرست


| ڪهاڻي | | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| (1) | دروازو | 9 |
| (2) | تنهائي | 29 |
| (3) | ساز حيات | 37 |
| (4) | خواب | 46 |
| (5) | هڪ خط | 53 |
| (6) | زندگيءَ جي بازي | 57 |
| (7) | پاڇو | 71 |
| (8) | جوين ۾ ني ڏينهڙا | 84 |
| (9) | بيشرم ڪير؟ | 99 |
| (10) | لڙڪ ۽ مرڪ | 108 |
| (11) | ساريان ڪونه سڪوءِ | 119 |
| (12) | ڪنول | 140 |
| (13) | پتنگ چائين پاڻ کي | 150 |
| (14) | چانو | 170 |
| (15) | صبح ڪٿي آهي | 191 |
| (16) | وڃايل واٽ | 197 |
| (17) | ۾ رستا هڪ منزل | 223 |


SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH


Scanned with CamScanner

ته هن جي مرتئي جو ڏينهن آهي.

ثميرا تون پنهنجي شخصيت جي باقي وصفن کي منهنجي اڳ ڇهي ڇڏي وڃڻ کي بخش ڪري ڇڏجانءِ جيڪڏهن محبتن ۾ ڪو روحاني رشتو آ. پل ته موت جي وڇوڙي توکي اسان ڪان ڇني پري ڇڏيو آ.... پر ٻه ايترو سو ايمان اٿم تنهنجي جندڙي پل ڪٿ ٻه قبر جي تنهاين ۾ قيد هجي. ۽ تنهنجي جان هتي نه ڪٿي اسان جي آس پاس پرڙا هڻندي هوندي. اڄ جون هي چار گهڙيون اسين سڀ تنهنجي نالي گڏ ٿيا آهيون. هت ڪو ڪير آ ڪو ڪير؟ جو سوال ڳالهه ناهي. بلڪ هت توکي ڪنهن ڪيئن محسوس ڪيو ڪنهن ڪيئن جي ڳالهه آ.... سو اڄ جي هيءَ شام تنهنجي ني نالي رهي. شام جون هي چار گهڙيون اسين پنهنجون شخصيتون ڀري ڪري اسين تنهنجي ني حوالي سان هڪٻئي کي سڃاڻنداسين.

خيرالنساء جعفري

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com　Scanned with CamScanner

لئکور

سنڌيڪار: ثميره زرين

# دروازو

"مريم!"

"حبيب، آرام ڪر! رات وڃي رهي آهي!"

"خير، وڃڻ ڏي رات کي، مان به ته هينئر ڪجھ ڏينهن جو مهمان آهيان! مان سوچي رهيو هوس ته زليخا پنهنجي پيءُ وٽان ٿي اچي ته چڱو! مگر هو هينئر ڪٿي هوندا؟"

"رامپور."

"ها! رامپور ٿي کڻي هن کي موڪل، هن کي هتي بيمار جي نزديڪ ايترو زياده وقت نه رهڻ گهرجي، هوءَ خود به ضعيف آهي!"

"او هو! هينئر ڇوڪري جون ڳالهيون ڇڏ! اهڙي وقت ۾ هوءَ توکي ڇڏي ڪيئن هلي وڃي؟"

"ڇا! هن کي خبر نه آهي ته ڊاڪٽرن منهنجي متعلق ڇا راءِ ڏني آهي؟"

"اهو ته هن کي به نظر اچي ٿو، پر اڳئين پيري به هن کي پنهنجي پيءُ جي گهر وڃڻ لاءِ چيو هوم، ته بس روئي روئي اکيون ڳاڙهيون ڪري ڇڏيون هئائين!"

"هون!"

"چڱو، تون هينئر آرام ڪر. مان وڃان ٿي."

"زليخا، تنهنجي پيءُ، انور جي ذريعي توکي ڪجھ چوائي موڪليو آهي ڇا؟ مون کيس ڪالهه هتي ڏٺو هو!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايتري قدر مطمئن آهي، جو هن کان اڳ ڪڏهن به نه ٿي آهي.... انهيءَ ڪري مان زليخا کي سڏايان ٿو.... نه، نه.... مريم! مان توکي روئندو نه ڏسي سگهندس.... آخر توکي ڇا ٿي ويو!.... هن وقت تائين ته تون خاموش هئينءَ...“

”آه، حبيب! مان سمجهندي هيس ته منهنجا ڳوڙها ختم ٿي چڪا آهن؛ پر نه، اڃا گهڻا باقي آهن! آه، هيئنئر مان برداشت ڪري نٿي سگهان!“

”زليخا کي وٺي اچ ته مان کيس اڄ شاديءَ جو ڏينهن ياد ڏياريندس، ته جيئن سياڻي ٿئي....“

”چڱو، مان وڃان ٿي؛ نوڪر دروازي تي ويٺو آهي؛ ڪنهن چيز جي ضرورت ٿئي ته سڏ ڪجِ.“

مريم، زليخا جي ڪمري ۾ وڃي ان جي پلنگ تي ويهي روئڻ لڳي – ’اي بدنصيب ظالم! هيئنئر به جنهن توکي سڀ ڪجهه ڏنو آهي، ان جي اها تمنا پوري ڪر. آخري تمنا جو خود مري رهيو آهي، ان جي حالت تي رحم ڪر!....، هوءَ اڪيلي ڪمري ۾ روئي ائين چوندي رهي، پر زليخا دور وڃي چڪي هئي....

پيرن جي آواز تي حبيب جو ڌيان ڇڪيو. هن چيو:

”زليخا!“

”مان عبدل آهيان – ڇا سرڪار جو ڪوئي ڪم آهي؟“

”زليخا کي وٺي اچ.“

”ڪنهن کي، حضور؟“

”زليخا کي.“

”هوءَ ته اڃان واپس نه آئي آهي!“

”واپس؟.... ڪٿان نه آئي آهي!“

”رامپور کان!“

”ڪڏهن وئي آهي؟“

”حضور، اڄ ٽي ڏينهن ٿيا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اها روش ٻنهي پسند ڪئي اٿم.“

”ڊاڪٽر، وچ! منهنجي تڪليف ڪي وڌائڻ واسطي ڇو بيٺو آهين؟ مريم، هو ويو؟ چڱو، هينئر تون منهنجو مٿو ڪٿي گود ۾ رک!“

”چڱو، پٽ! هاڻي ننڊڙي ڪر!“

”مريم، مون کي ننڊ ڪرڻ واسطي نه چئو. جي مون ننڊ ڪئي، ته وري ڪڏهن نه اٿندي سگهندس — مون کي صرف ٿوري دير جاڳڻو آهي.... ڇا! تون ڪوئي آواز ٻڌين ٿي؟.... ڪوئي اچي رهيو آهي....“

”حبيب، پٽ! اکيون نه کول، هيءَ اچي وئي. هڪ دفعو ڏس!

”ڪنهن کي ڏسان.... خواب کي؟....“

”ڇا، تو کي ڏسڻ ۾ نٿو اچي؟ هيءَ تنهنجي زليخا آهي!“

”زليخا؟.... ڇا دروازو کليو پيو؟....“

”پٽ، اهو ته ڪڏهن جو کليو پيو!“

”نه مريم.... هيءَ نه لوڻي.... هرگز نه.... اها دوکو آهي.... فريب آهي....!“

”حبيب! هيءَ لوڻي نه آهي، زليخا آهي - جا تنهنجن پيرن تي پئي آهي.... ٿورو هن جي مٿي تي تسليءَ جو هٿ ته ڦير....!.... آه.... آف.... زليخا، هاڻي نه روءُ.... روئڻ واسطي گهڻوئي وقت پيو آهي.... هن وقت.... ٿوريءَ دير لاءِ خاموش ٿي وڃ.......آه.... اوهه خدا!....“

[”مهراڻ“ مرڪ، ١٩٥٥ع حيدرآباد]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ رفعت جو بخار ٽٽي پيو. خوشيءَ جو ڪرڻو ڦٽي رهيو هو، ته، دفعتاً، رفعت جو ٽائيفائيڊ اٿلي پيو، ۽ سڄي گهر ۾ پريشانيءَ جي لهر ڊوڙي وئي.

۽ هڪ اداس شب، .... رفعت هن کان رسي.... ستارن جي دنيا ۾ هلي وئي ....

پاپيءَ جي چيخ نڪري وئي. بيگم نياز آنسن جي درياهه ۾ ٻڏي وئي.... اختر افسرده ٿي ويو.... هن رسيده خانصاحب جي خشڪ ويران اکين ۾ آنسو اچي ويا. ليڪن هو، ....... هو بدنصيب روئي به نه سگهيو. هو ساڪت و جامد ٿي ويو.... گويا هن جو روح سلب ٿي ويو هجي.

سلطانه ۽ اختر جي پيهم ڪوشش هن جي خشڪ ويران اکين ۾ آنسو آندا. ۽ ٽپ ٽپ آنسو ڪرڻ لڳا، گويا ڪا مالها ڇڄي پئي هجي.... هينئر هو تنها هو. اڳ جڏهن رفعت هن جي زندگيءَ ۾ نه آئي هئي، تڏهن به هو تنها هو، ليڪن اُن ۾ هن تنهائيءَ ۾ ڪيترو نه نمايان فرق هو!!

اڳ هو لاپرواهه هو، ۽ رفعت جي ملڻ کان پوءِ زندگيءَ جي سچي مسرت سان آشنا ٿيو .... ۽ هينئر اها مسرت ڇنجي چڪي هئي.......... ۽ زيست.......... پوءِ زيست هڪ طويل سڏڪو بڻجي پئي.........!!

"تقاضا"، جلد ۲ نمبر ۱۷، مئي ۱۹۵۶ع، لاڙڪاڻو]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ساز حيات

هوا فلوڪس جي خوشرنگ، ڪاسني مکڙين کي ڌوڏي رهي هئي. ليڪن هن جو سارو ڌيان ڦاٽڪ ڏانهن هو، جنهن مان ٿوريءَ دير ۾ سنهري ٻيوڪ لنگهي اچڻي هئي.

گول ڪمري مان ارشد ۽ سعيد جي ٽهڪن جي گونج اچان پئي ٻڌڻ ۾ ٿي آئي.

ڪالهه هن ارشد کي ”سيمسن ڊاليلا“ فلم تي وٺي هلڻ واسطي چيو، ليڪن هو واعدي ڪرڻ جي باوجود سعيد سان ڪنهن ٻيءَ فلم تي هليو ويو.

ڪالهه جڏهن رابعه ارشد کي فلم تي وٺي هلڻ واسطي اصرار ڪيو، ته قريب ويٺل سعيد شرارت سان مشڪڻ لڳو. رابعه ارشد کان انجام وٺي، ڊرائنگ روم ڏانهن هلي وئي.

جڏهن ٻاهر آئي ته هن سعيد کي چوندو ٻڌو، ”ارشد، اڄ ته پبلڪ لائبرريءَ ۾ وڃڻو آهي. سو سيڪنڊ شو تي ڪٿي هلنداسين.“ ۽ ارشد به تائيد ڪئي. هو رابعه کي سيڪنڊ شو تي هلڻ واسطي چئي، سعيد سان هليو ويو. هن کي سعيد جي شرارت جو ٿورو شڪ ته تڏهن ئي پيو. ليڪن جڏهن ارشد رات جي هڪ بجي واپس موٽيو، تڏهن کيس پڪ ٿي، ته سعيد دانسته ئي هن جو پروگرام خراب ڪيو آهي. کيس ڪافي برو لڳو، ليڪن صبح جو ڊائننگ ٽيبل تي به جڏهن، ارشد پنهنجي غلطيءَ جي تلافي نه ڪئي، تڏهن هن کي سعيد تي بيحد خار آئي. باقي ارشد ته ازلي لاپرواه هو. کيس اهو ياد نه هجڻ ڪا نئين ڳالهه ڪانه هئي.

رابعه پنهنجي پاڻ ارشد سان گڏ وسيع ڪوٺيءَ ۾ تنها رهندي هئي. باقي سدن والدين ۽ ديگر عزيز جهمپير رهيل هئا.

ڇا گفتگو ڪري رهي هئي.

ليڪن سعيد اڄ خلاف معمول خاموش هو.

هينئر رضيه جي زياده تر هر شام رابعه وٽ گذرندي هئي، پر هاڻي روبيءَ هنن جي محفلن ۾ شرڪت گهٽ ڪري ڇڏي هئي.

”آخر بي سبب دل جلائڻ مان ڇا فائدو!“

سعيد هينئر ڪجهه خاموش نظر ايندو هو. اها شگفتي، اهي ٽهڪ ختم ٿي چڪا هئا، جيڪي گول ڪمري ۾ گونجندا هيا.

آخر، اها منزل به اچي ويئي. جڏهن رضيه رابعه کي چيو ته عنقريب، سعيد ۽ مان رشته ازدواج ۾ منسلڪ ٿينداسون. ۽ روبيءَ کي بي تعلق هوندي به ڏاڍي اذيت پهتي. هينئر هوءَ وڪيشن جو شدت سان انتظار ڪرڻ لڳي. جيئن هو جهجهير وڃي سگهي. آخر اهو ڏينهن به آيو. وڪيشن ملڻ شرط ٿي هن پنهنجو سامان بند ڪيو. اڄ شام هوءَ وڃي رهي هئي.

هن جي زندگيءَ ۾ هينئر هڪ خلا پيدا ٿي چڪو هو: دفعتاً سگريٽ جي دونهين سان ڪمرو معطر ٿي ويو. ۽ سعيد اندر آيو. رابعه اٿي ويهي رهي.

”روبي مون کي توسان ڪجهه ڳالهائڻو آهي.“

”فرمايو؟“ هن رڪائيءَ سان چيو.

توکي منهنجي متعلق جيڪا غلط فهمي ٿي آهي، تنهن کي مان دور ڪرڻ ٿو چاهيان. مون کي اجازت ڏي!“

هن جي آواز ۾ ڪرب آميز مايوسي ڇانيل هئي. ليڪن روبيءَ تي هن جو ڪو به اثر نه ٿيو. سعيد جي بي نيازيءَ هن جي طبيعت چيڙاڪ ڪري ڇڏي هئي. ۽ هن نه ڪڏهن به سندس روش ۽ صورت ڏانهن ڌيان نه ڏنو هو، جڏهن کان رضيه هن سان مائل التفات ٿي هئي! ورنه نه ڪيس سعيد جي اداسيءَ مان پتو پوي ها. ۽ هوءَ اجائي غلط فهمي دل مان ڪڍي سگهي ها. تلخ لهجي ۾ چيائين:

سڄي ڪاليج ۾ هڪ ڇوڪرو هو، جنهن کي هن ڪڏهن به ڪا شرارت ڪندي نه ڏٺو هو. هو ڪلاس ۾ هميشه سڀني کان اڳيان رکيل بينچ تي ويهندو هو. جيڪڏهن اتفاق سان پروفيسر ڪلاس نه وٺندو هو ته هو وانددڪائيءَ جو وقت لئبرريءَ ۾ ويهي اخبار يا رسالي جي پڙهڻ ۾ گذاريندو هو.

هڪ دفعي هوءَ لئبررين کان ورڊس ورٿ جي شاعريءَ تي ڪتاب وٺڻ ويئي ته هو اڳيئي اتي بيٺو هو. ڪيس گهربل ڪتاب ٻاهر ميز تي رکيو هو، هن ڪتاب تي هٿ رکندي چيو: ”مون کي هي ڪتاب گهرجي...“

”پر هي ڪتاب ته مسٽر وٺي چڪو آهي...“

لئبررين رجسٽر تي ڪجهه لکندي ورائيو.

هوءَ خاموش رهي.

”چڱو، مون کي شيڪسپيئر جي شاعريءَ تي ئي ڪو ڪتاب ڏيو!“ هن هوريان ورائيو ۽ پوءِ ڏانهس نهاري چوڻ لڳو، ”محترمه! هي ڪتاب ڀلي اوهين کڻو. اوهان جي ضرورت شايد مون کان زياده هجي.“

هن ڪجهه پڇو ڪونه، ماٺ ڪري، ڪتاب کڻي هلي ويئي.

ٻئي ڏينهن ڪاليج پهتي ته هو دروازي وٽ سگريٽ ڇڪي رهيو هو. هن، هن ڏانهن معنيٰ خيز مرڪ سان نهاريو. هو گهٻرائجي ويئي. سڌي ڪلاس ۾ گهڙي ويئي. پروفيسر ورڊس ورٿ جي شاعريءَ تي ليڪچر ڏيئي رهيو هو. هوءَ اڃان پنهنجي جاءِ تي ويٺي ئي مس، ته هو به اندر داخل ٿيو.

”مسٽر اختر، مون ڪالهه اوهان کي ورڊس ورٿ جي فطرت جي حسن جي نظريي تي مضمون لکي اچڻ لاءِ چيو هو!“

”جي!“ هو گهٻرائجي اٿيو، ”سائين... سائين رات بيچاق هوس.“

”۽ اوهان مس فرخنده!“ پروفيسر اختر تان نظر هٽائي، فرخنده ڏانهن نهاريندي، چيو.

”مون لکيو آهي...“ هن اٿي چئي، مضمون

”نہ پوءِ ھلو ڀاھرا!“

ويرم ئي ڪا نہ ڪڏري تہ جوانن ۽ جوانڙين جو جلوس سمنڊ جيان ڇوليون ھڻندو اڳتي وڌيو. جلوس وڌندو رھيو ۽ ھلي ھڪ چوراھي تي بيھي رھيو. سامھون پوليس لٺيون کنيون بيٺي ھئي. لائوڊ اسپيڪر تي اعلان ٿي رھيو ھو: ”جلوس ختم ڪيو! جلوس غير قانوني آھي! ھڪدم پوئتي ھٽو!“

جلوس ۾ چر پر ٿي. آواز بلند ٿيا. ۽ جلوس اڳتي وڌيو.

”اسان جو جلوس پر امن آھي. اسان صرف پنھنجا مطالبا پورا ڪرڻ چاھيون ٿا!“

جلوس اڳتي وڌيو. پوليس پوئتي ھٽي. جلوس وڌندو رھيو ۽ وري ھڪ چوراھي وٽ بيھي رھيو. سامھون ھٿيار بند پوليس بيٺي ھئي: ”خبردار! اڳتي نہ وڌو، پوئتي ھٽو. ختم ڪريو ھي غيرقانوني جلوس، ھڪدم ختم ڪريو!“ مگر جلوس اڳتي وڌيو.

ڏڏڪو ٿيو...

”ٺاا ٺاا ٺم!“

ڳوڙھا آڻيندڙ گئس جا بم ڦاٽڻ لڳا.

جلوس ۾ ھنگامو ٿي ويو. پرامن جلوس زور ۽ زور سان اڳتي وڌيو. پوليس ڏرڪن ۾ چڙھي پٺي ويئي.

نوجوان شاگرد ۽ شاگردياڻيون ھيڏانھن ھوڏانھن ڊوڙي رھيا ھئا. ڪيترا شاگرد ڳوڙھا آڻيندڙ بمن لڳڻ سبب زخمي ٿيا ھئا. انتھائي جوش وارن انھن جي خون سان جھنڊن کي رنگي ڇڏيو ھو. سبز ۽ ڪارا جھنڊا ھوا ۾ ڦڙڪندا اڳتي وڌي رھيا ھئا، فضا ۾ غوغاءُ پئجي ويو ھو، سامھون وزير تعليم جو بنگلو ھو، بنگلي جي چوڌاري لوھي ڪٺھڙي سان گڏ پوليس جو ڪٺھڙو ھو. پوليس لائوڊ اسپيڪر تي واڪو ڪيو...

”پوئتي! خبردار، جي ڪو وڌيو آھي!“

”توھين ڪير آھيو اسان کي روڪڻ وارا؟“ جلوس سان ڪنھن واڪو ڪيو. نعرا بلند ٿيا، جھنڊا زور سان ڦڙڪڻ

لڳا. جلوس اڳتي وڌيو ۽ ڏڏڪو ٿيو.... ”ڏم- ڏم- ڏم! ٺا! ٺا!“ گوليون ڪهوڪهاٽ ڪري وسڻ لڳيون.

فضا ۾ گوڙ، شور، دانهون ڪوڪون وڃڻ لڳيون. اختر جهنڊو ٻئي جي حوالي ڪري فرخ ڏانهن ڊوڙيو. هن فرخ جي هٿ مان جهنڊو ڪسيندي چيو: ”فرخ، تون پٺتي وڃ! پٺتي وڃ!“

”ڇو؟“

”پٺتي وڃ فرخ! گوليون وسي رهيون آهن....“

”تون؟“

”مان اڳتي وڌندس، مان....“ گولي اختر جي سيني مان پار ٿي ويئي، فرخ کان دانهن نڪري ويئي- ”اختر....“

”امان!.... امان!“

فرخ جون اکيون کلي ويون، سندس پاسي کان سائس بيٺي هئي، ڪيس ڏونڌاڙي رهي هئي، ”امان! فرخ! ڇو؟ دانهن ڇو ڪيئه!“ فرخ اکيون مهٽي اٿي ويٺي ۽ هوريان چوڻ لڳي، ”امان، مون خواب لڌو هو!“

[”ادا“، نواب شاهه، جلد ۱، نمبر ۱۱، مئي ۱۹۵٦ع]

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون خوش رهي سگهندينءَ.... ڇئو؟ مان ڪڏهن تغافل اختيار ڪيو؟

مان ته هر باغي جذبي مان صلح ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، حتي ڪ هينئر منهنجي اندر وارو انسان به مون کان سرڪشي ڪندي ڏجي ٿو.

تون ڪنهن ٻئي جي ٿي وئينءَ... ان وقت منهنجي دل احتجاج ضرور ڪيو، ۽ مجنونءَ فرهاد بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي- ليڪن زهريلي تبسم، هڪ زهريلي ٽهڪ، منهنجي اندر واري انسان کي ڏنگ هڻي ماري ڇڏيو، ۽ هينئر هو اٿي نه ٿو سگهي.

مان توکي زندگيءَ جي آخري ساهه تائين خط لکندو رهندس. تنهنجو شوهر توکي بيحد چاهي ٿو. ان کي تنهنجي خوشيءَ کان انڪار نه هوندو، بلڪ نه هجڻ گهرجي.... ته مان توکي خط لکندو رهان- آخر مان توکان گهران به ڇا ٿو..... پڙاءِ ـــــجواب ڏي ـــ

هو تنهنجي انهيءَ خوشيءَ تي ڪڏهن به ناراض نه ٿيندو. هو به انسان آهي نه ـــ تنهنجو شريڪ حيات!

مون کان دور ٿي ڪري، تون ڪيتري قدر متبرڪ بڻجي وئي آهين ــــــ ستارن جي هڪ ليڪ جنهن کي مان ڇهي نٿو سگهان ــــ هڪ مقدس آواز ــــ جنهن کي مان جذب نٿو ڪري سگهان ــــ توُن ته هڪ غير مرئي لهر آهين ــــ توُن مون کان دور ٿي ڪري مون کي وڌيڪ عزيز بڻجي وئي آهين.

["تقاضا" سکر، جلد ۲، نمبر ۲۰، سيپٽمبر ۱۹۵٦ع]

نه ڪري؛ ۽ نه اهو ڪيٽ، جنهن جو ڪردار اگرچه مثالي نه آهي، جو ڪنهن ماروئيءَ کي پنهنجي پاڪيزگيءَ جو ثبوت ڏيڻ لاءِ باهه ۾ سڙندو ڏسي، پرندڙ مڇ ۾ ٽپو ڏيئي سگهي— ايتري همٿ هينئر ڪنهن ڪيٽ ۾ نه آهي.... سيڪجهه بدلجي چڪو آهي، سيڪجهه!"

مان سندس خيالن تي حيران رهجي ويس.

"توبهه، سڏ ڪري ڪري ٿڪجي پيئي آهيان، پر توهان پنهنجين راندين ۾ مگن آهيو! هلو، ماني تيار آ."

آپا حميده اندر اچي، جاويد جن کي راند ۾ گم ۽ اسان کي ڳالهائڻ ۾ مشغول ڏسي، چڙ مان چيو.

"اوهه! آپا اسان ڪان نه ڳالهه ئي وسري ويئي،" مان اٿندي چيو.

"هون! خوب آهيو!" آپا طنزيه انداز ۾ چئي، هلي ويئي.

۽ اسين سڀ ڊرائنگ روم ۾ هليا وياسين.

مان ڪيتريءَ دير تائين خورشيد جي گفتگو متعلق سوچيندو رهيس.

هوءَ جڏهن ننڍي هوندي هئي، تڏهن مان کيس ڏاڍو چيڙائيندو هيس. هڪ دفعي مون کيس چيڙائڻ خاطر چيو هو ——

"توهان عورتن کي عقل بلڪل ڪونهي. اسان مرد توهان ڪان هر طرح بلند آهيون."

هن نه مڃيو. مون کيس چيو:

"ڏس! حڪومت مرد هلائي ٿا، جنگيون مرد ڪن، جهاز، ٽرينون وغيره سڀ مرد جي دماغ جو ئي ڪرشمو آهن. توهان عورتون بلڪل بيڪار آهيو، غير ضروري!"

هوءَ چڙي ويئي، چوڻ لڳي——

"اسان جيڪڏهن توهان جيترو پڙهون ته ضرور اهڙا ڪم ڪري سگهون، ۽ هينئر به اسان جهڙو نفيس سبق پرڻ ڪنهن مرد کي نه اچي، ۽ اسان جهڙو لذيذ کاڌو به ڪو مرد نه

سلمه چوڻ لڳي:

”آپا، مون کي رات جو پڊنگ ٺاهي ڏجانءِ!“

تعجب ته اهو هو، جو خورشيد نهايت اطمينان سان کين ”ها“ ڪندي ٿي ويئي. مون سوچيو ته هوءَ مون اڳيان پاڻ کي اڌين لڪائي ٿي ۽ ٻارن تي ڪاوڙ نه ٿي ڪري، نه ته مون کي خبر هئي ته هوءَ ٻارن کي ذرو به لفٽ نه ڏيندي هئي. بس، ڪڏهن ڪڏهن دل ٿيندي هيس، ته ٻارن سان گڏ ٿوري گهڻي راند ڪري، بعد ۾ هڪ ٻن ٻارن کي زوريءَ روئاري، هلي ويندي هئي. پوءِ چاچيءَ ۽ امان جا آواز وڏي گهر جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ گونججي ويندا هئا.

”هيءَ فضيلت آ! اهو ته نه ٿو پڇيس، جو ڪٿي هڪ ٻن ٻارن کي ٿڦي ڏيئي، ڪچڙا ٻارائي! هٿئون ڪلندن ڪائيندن ٻارن کي اڌين روئاري هلي ويندي!“ ۽ خورشيد ان وقت بي نياز بي پرواه، ٻڌي ويئي هوندي هئي، ڇو ته والده جن اهي لفظن جا هار ڪيس نه بلڪ ٻئي ڪنهن کي پارائي رهيون آهن.

مان پنهنجي ڪمري ڏانهن هليو ويس، ته جيئن هوءَ منهنجي موجودگيءَ ۾ ڪاڏو تيار ڪرڻ ۾ وڌيڪ خفت نه محسوس ڪري ۽ ڪاڏي جي فرمائشن ۾ به منهنجي شرارت نه سمجهي.

ڪيس ڪاڏو ٺاهڻ نه ايندو هو، ۽ اهو سوچي مان دل ئي دل ۾ خوش ٿي رهيو هوس ته سندس ٺاهيل ڪاڏي مان نقص ڪڍي، ڪيس اڳي جي طرح چيڙائي، چوندس ته ”..تون... تون بيڪار آهين... خسيس ڪـاڏو تيار ڪـرڻ به نه اچئي!“ ۽ هوءَ ناراض ٿي ويندي.... ۽ مان ڪيس وري، اڳـي وانگر، پرچائيندس....!

مون کي هن جي چهري جا اهي ٻه رنگ ڏاڍا وڻندا هئا. چڙ ۾ هن جا گلابي رخسار تپي شفق جيان لعل ٿـي ويندا هئا، ۽ هوءَ مون کان ناراض ٿي، فاخرانه انداز ۾ سر بلند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ڪنهن آئي ڏنهن؟“ سلمه اشتياق کان پڇيو.

سيني کي کل اچي ويئي. ۽ خورشيد مون ڏانهن اشارو ڪري چيو، ”هن آئي ڏنو هو!“

منهنجون شڪايت آميز نگاهون هن جي چهري تي مرڪوز ٿي ويون ۽ هن جي لبن تي فاتحانه دلنواز مشڪ نچي اٿي.

ٻئي ڏينهن بورچي واپس آيو، ۽ آپا حميده به ٽورن ڏينهن بعد مان به ڪراچيءَ هليو ويس.

هينئر خورشيد، مارئيءَ متعلق جيڪو چيو، تنهن مون کي حيران ڪري ڇڏيو. ۽ مان سوچڻ لڳس، اهو ڪهڙو نه خوش نصيب هوندو، جنهن جي هيءَ ساٿي بڻبي.

هوءَ شاهه ڀٽائيءَ کان وٺي مغرب جي وڏن شاعرن تي گفتگو ڪندي هئي، ۽ ضرورت وقت لذيذ کاڌو به تيار ڪري سگهندي هئي. هن ۾ ڪيترديون نه خوبيون هيون؟.... ۽ مان پنهنجي خوش قسمتيءَ تي نازان، سوچيندي سوچيندي، خوابن جي دنيا ۾ پهچي ويس.

مان نعيم جن کي، پنهنجي ڪاليج جون ڳالهيون ٻڌائي رهيو هيس. خورشيد پري ويٺي لائيف مئگزين ڏسي رهي هئي. هڪ ڳالهه تي هنن کي اعتبار نه آيو، ۽ مان به کين ڪوڙي ٿي ٻڌائي هئي. جاويد پڇيو:

”سچ؟“

”ها،“ مون متانت سان چيو.

”ته سڀ کان پياري چيز جو قسم کڻو؟“ نعيم چيو.

”قسم کڻان، ته پوءِ مڃيندين؟“ مون چيو.

”ها...“

”يلا، قسم کڻان ته ڇا ٿيندو؟“

”جيڪڏهن توهان جي ڳالهه ڪوڙي هوندي، ۽ توهان ڪنهن جاندار جو قسم کڻندا ته اهو مري ويندو، ۽ جيڪڏهن

بي‌جان چيز هوندي، ته ان کي به نقصان رسندو.“ نعيم سمجهايو، جئن مون کي خبر ئي ڪانه هئي. مون کي ڪل اچي وئي.

”هينئر قسم کڻو نه،“ سلمه سنگين سزا ياد ڏياري.

”مون کي.... مون کي سڀ ڪان وڌيڪ.... ڪير پيارو آ....؟“ ۽ منهنجون شرير نگاهون خورشيد تي مرڪوز ٿي ويون.... هن جا رخسار گلنار ٿي ويا، ۽ شرمائجي، اکيون ڦيري ڇڏيائين.

ته چاچيءَ مون کي سڏ ڪيو، ۽ مان اٿي هليو ويس.

هن دفعي مون ڳوٺ وڃڻ جي بجاءِ، ٽيني دوستن سان گڏ ڪوهه مريءَ وڃڻ جو ارادو ڪيو، ۽ گهر به اطلاع ڏيئي ڇڏيم. امتحان ختم ٿيا، ۽ اسان تياريءَ ڪي لڳي وياسين. ليڪن الائي ڇو، منهنجي دل ڳوٺ وڃڻ تي ئي رهي هئي. جيتوڻيڪ مريءَ وڃڻ جو ڏاڍو شوق هو. نيٺ دل کان مجبور ٿي، هڪ ڏينهن دوستن کي بنان ٻڌائڻ جي مان ڳوٺ هليو آيس.

گهر آيس، ته وراندي ۾ آپا حميده نظر آئي.

”اري افتخار، تون؟ ڇو مريءَ نه وئين ڇا؟“

”بس آپا، دل نه ٿي. هيڏي هليو آيس.“ مون ٻڌڪ رکي چيو.

”چڱو ٿيو، جو پاڻ ئي آئين، نه ته اسان گهرايون ها.“ آپا حميده چيو.

”ڇو، ڪجهه آهي ڇا؟“

”پرينءَ خورشيد جو مڱڻو آهي نه!“

۽ مون کان ڇرڪ نڪري ويو.

”ايتري ۾ا ڪنهن سان؟“ مان بدحواسيءَ مان پڇيو.

”رفيق سان.“

۽ اسان جن اچي ويون. مان ٿڪاوٽ جو بهانو ڏيئي، پنهنجي ڪمري ۾ هليو آيس. منهنجي اکين اڳيان، زميندار جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پٽ، مشترڪ فيل رفيق، جي تصوير ڦري ويئي.... اف!... هيتري قابل خورشيد کي ڪهڙو ساڻي مليو رهيو هو؟ ... جو خود نه پاڻ ڪنهن شخصيت جو مالڪ هو، ۽ نه خورشيد جي قابليت کي ڏي چاڙهي ڏي سگهيو.... خورشيد، جا ڪنهن جي زندگيءَ جي اولين خوشي هئي.... ۽.... آخري خوشي به ٻڏجي ويئي!...."

۽ مان سوچيو،

برابر، ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ فرق آهي، تڏهن نه ڏسي وڏيڪ اذيت سهڻ لاءِ پاڻ ڏي اچي ويس.... ۽ منهنجي ڪنن ۾ آپا حميده جا اکر گونججڻ لڳا.... "چڱو ٿيو، جو پاڻ ڏي اچي وئين.... چڱو ٿيو، جو پاڻ ڏي اچي وئين... !"

["نئين زندگي"– آڪٽوبر، ١٩٥٦ع]

# پاڇو

رات بيحد خوبصورت هئي!

آسمان تي سفيد ۽ سرمئي بادلن جي وچان چنڊ ليئا پائي، وري لڪي ٿي ويو. جنهن گهڙيءَ چنڊ بادلن ۾ منهن پئي لڪايو، ان وقت فضا تي انڌيرو ٿي ڇانئجي ويو، جنهن جي پنيان لڪل چنڊ جي ٿڌي روشني اڇي رهي هئي. اهڙو انڌيرو نهايت وڻندڙ ٿي معلوم ٿيو ۽ جڏهن پورو چنڊ بادلن مان نڪري مشڪل ٿي لڳو، ان وقت تمام فضا نور پري نيران مان ڇڻ وهنجي ٿي اٿي.

چار مهينا اڳ، هڪ اهڙي ئي حسين رات هئي. پوري چنڊ جي دل آويز روشنيءَ ۾ ڪائنات جو ذرو ذرو درخشان ٿي پيو هو، ۽ چنڊ اڄ سرمئي بادلن مان اک ٻوٽ ڪري رهيو هو. هوا جي پرن تي ڪڇندي، سرنهن جي پيچ پيني خوشبوءِ دماغ کي معطر ڪري رهي هئي.

اها رات ننڊ لاءِ نه هئي. اها رات عبادت جي رات هئي. ليڪن سڀ ماڻهو ٿڪ ڪان چور ننڊ ۾ مست ستا پيا هئا. نه ڪو عبادت ڪري رهيو هو، نه ڪوئي ڪائنات جي هن لا انتها حسن کي چاهه ڀرين اکين سان ڏسي، انهيءَ خالق جي تعريف ڪري رهيو هو، جنهن اهڙو حسن تخليق ڪيو هو.

هر طرف سڪون ڇانيل هو. ٻاڙي ۾ هر ڪوئي ننڊڙيءَ جي گود ۾ آرامي هو، ليڪن هوءَ اڃا تائين جاڳي رهي هئي. ڏيئو، تيل کپي وڃڻ ڪري، آخري ڀڙڪو کائي ـ وسامي ويو. هن دريءَ مان تيل جي شيشي ڪڍي چنڊ جي هلڪي روشنيءَ ۾ ڏٺو ته تيل جو ذرو به شيشيءَ ۾ باقي نه هو. ”اوهه....

اڃان ته ڪافي ڪم پيو آهي-- !“ هن ٻڙ ٻڙ ڪئي، ير شڪر جو رات چانڊوڪي هئي ۽ هن اٿي، امر لاءِ چانور ڌوئي، ديڳڙي چلهه تي چاڙهي ڇڏي ۽ ٽانو ڌوئڻ ويهي رهي. سرنهن جي سرهي خوشبو هوا جي پرن تي ڪڇندي، اچي هن کي جهڙ لولي ڏيڻ لڳي، ۽ هن جون اکيون ننڊ کان ڳوريون ٿي رهيون هيون. ليڪن اڃان ڪافي ڪم رهيل هو. هن جا هٿ ٽڪڙا ٽڪڙا هلڻ لڳا. سندس مڙس ۽ ڏيئر چنل ڪٽڻ تي ستيون پيون هيون ۽ چنڊ جي ڇٽيل روشني هنن جي زرد چهرن تي پئجي رهي هئي.

هوءَ لا انتها حسن کان بلڪل بي نياز بڻي، پنهنجي ڪم ۾ مشغول هئي. جڏ ته چنڊ جي حسن کان وڌيڪ ڪيس برتن صاف ڪرڻ ۾ حسن نظر آيو هو! پر هن جي دنيا ۾ چنڊ جي چانڊاڻ ۽ ڪائنات جي حسن لاءِ ته جڳهه ئي ڪانه هئي. هن کي ته اها فرصت عمر ۾ نه ملي هئي، جو ڪنهن فطرتي حسن کي چاهه مان ڏسي سگهي! ڪيس اهو اطمينان ۽ آرام ڪڏهن به ته حاصل نه ٿي سگهيو هو! اهي چيزون به دنيا جي ٻين چيزن جيان هن لاءِ مهانگيون ٿي ته هيون. قدرتي حسن مان به ته وڏا ماڻهو ئي حظ حاصل ڪري سگهيا ٿي، جيڪي ريشم جا ڪپڙا پهريندا هئا ۽ جيڪي ٽيئي وقت پيٽ پري کاڌو کائيندا هئا. پيلا اڌ بکئي ۽ اڌ ننگي انسان لاءِ انهيءَ فطرتي حسن ۾ ڪهڙو لطف!

چنڊ سرمئي بادلن مان ليئو پائي هيٺ ڏٺو. سڀ ننڊ ۾ آرامي هئا. هوءَ اڃان جاڳي رهي هئي، ۽ چنڊ کي هن تي رحم اچي ويو. آف، ويچاري اڃا تائين ڪم تي ڪري!-- هوءَ ٻارهين ٻجي تائين جنڊ تي مرچ پيهندي رهي، ۽ جڏهن سندس ڏينو وسامي ويو، تڏهن لاچار اٿي، باقي رهيل ڪم شروع ڪيائون... عيد ويجهي هئي. هوءَ ڏينهن رات سخت محنت ڪندي هئي، ته جيئن هن دفعي ايترو پيسو بچائي سگهي، جو

چيو ويندو هو، اها متحرڪ زندگي هيئر سمينجي هڪ ننڍڙي نقطي ۾ سمائجي ويئي ۽ اهو نقطو هو مٽيءَ جو ڍير! ليڪن وقت گذرندي اهي نشان به ڊهي ويندا هيا– ۽ پوءِ ته اها تميز ڪرڻ به دشوار ٿيندي هئي ته آيا ڪهڙي اها مٽي آهي، جنهن ۾ انسان پوريو ويو هو، ۽ ڪهڙي مٽي، صدين گذرڻ کان پوءِ، جسم مان ڦري وري پنهنجي اصلي شڪل وٺندي هئي. رانديڪو صفا ڀڄي ڀري ويندو هو. اهو انساني فنا جو ڪيڏو نه وڏو دليل هو، اها زندگيءَ جي ڪيڏي نه وڏي شڪست هئي!!– اهي عقل جا وڏا، در اصل ڪيترا نه بيوقوف هيا، جن انهيءَ عظيم قوت کان انڪار ٿي ڪيو!....

هن جي ننڍي ڏيءَ ڳولي ڳولي ٿڪجي پيئي، پر هوءَ نه ڇڻ غائب ٿي ويئي هئي. ڇڻ کو ”پاڇو“ هو، جو ڪن پل ۾ گم به ٿي ويو! هوءَ الائي ڪهڙيءَ راهه کان ويئي هئي، جو وري هٿ اچڻ لاءِ هن کي ڪو رستو ڏسي نه ٿي ملي سگهيو! هن جو مڙس شاهه ڀٽائيءَ جا بيت جهونگارڻ لڳو. ڪجهه ته شاهه جا بيت ٿي اهڙا هيا ۽ ڪجهه ته هن جي ذڪ کي ڏسي، فاتحه ڏيندڙ ماڻهو به پنهنجو روئڻ جهلي نه سگهندا هيا.

شاهه جا بيت، جيڪي عالمن ۽ جاهلن ۾ يڪسان مرغوب هيا. عالم سندس بيتن جي تهه تائين پهچي، مالڪ موتي ڳولي لهندا هيا. ۽ جاهل جيڪي اگرچه سندس بيتن کي سطحي طور ٿي چائندا هيا، پر ته به ڪين لطف اوترو ٿي ايندو هو، جيترو عالمن کي!— ۽ سهاڳڻيون هن جي ايتري روئڻ کي ڏسي چوڻ لڳيون ته ”خاتون ڪيڏي نه خوش نصيب هئي! پاڪ رمضان جي مهيني ۾ ته موت نصيب ٿيس، ۽ مڙس کي به ڪيڏو نه ذڪ اٿس! بيشڪ، مڙس ٿين ته اهڙا—!“ ۽ زبيده سوچڻ لڳي ته ”جڏهن مان مري وڃان تڏهن الائي احمد جو ٻيءَ مون لاءِ ائين روئندو الائي نه!“ خديجه چوڻ لڳي: ”ادا عثمان خاتونءَ

عثمان خشمگين اکين سان ڏسي چوڻ لڳو تہ ”واهہ
چڻ تہ مان بہ ڪا زال آهيان، جنهن لاءِ عدت جا ڏينهن گذارڻ
ضروري هجي! تنهنجي ڀاڄائيءَ جو تہ هتي پاڇو بہ نہ رهيو،
باقي مان ڪنهن جي ڪري ايڏي عمر گذاريان تون بہ اصل
کو بيوقوف آهين!“

رحيم چپ چاپ اٿي ٻاهر هليو ويو.

اڄ بہ اهڙي ئي حسين رات هئي! جهڙيءَ رات، چار مهينا
اڳ خاتون خدا ڏي هلي هئي.

ڪالهہ رابعہ جي ماءُ پيءُ سندس مڱڻو اسماعيل جي
پٽ نواز سان ڪري ڇڏيو هو ۽ عثمان کي بہ مڱڻي جي
مجلس ۾ اچڻ جي دعوت ڏني هيائون. عثمان نہ تہ پاڻ ئي
مجلس ۾ شرڪت ڪئي ۽ نہ وري ڏيڻ کي ئي اجازت ڏني
گهر ويٺي مٺن گارين جو ڏوڙيو وسائي ڏنو هيائين، اسماعيل
کي سوني ڪپڙي جو ننڍڙو دڪان هيو ۽ هو رابعہ جي
مڙني مائٽن کان وڌيڪ خوشحال هو. عثمان گهر ويٺو ڪين
گاريون ڏئي رهيو هو تہ، ”ڏسان تہ هن ڳليءَ مان رابعہ کي
پرڻائي ڪيئن ٿا وٺي وڃن،.... سڄي ڳلي خون ۾ نہ رڱي
ڇڏيان .... تہ ڪتي جو .... پٽ ٿيان.“ .... ۽ ڪهڙي طرح بہ
هو ڪنهن نوجوان جي جوش کان گهٽ نہ ويو هو. جهڙي
طرح نوجوان پنهنجي محبوبہ جي هاي وڃڻ تي ”جان جي بازي“
لڳائڻ کان نہ گسندا هيا. اهڙي طرح عثمان بہ رابعہ جي لاءِ
جان جي بازي لڳائي رهيو هو. هو پوڙهو هيو تہ ڇا، سندس
دل تہ اڃا ئي جوان هئي!

عثمان هوندي تہ مائٽي طبيعت جو هوندو هيو پر هينئر
جڏهن مائٽن سندس اها روش ڏٺي، تڏهن حيران ٿي ويا. بس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو رابعه جو حسن ئي هيو، جنهن کيس ٻيريءَ ۾ خوار خراب ڪيو هو ۽ هو ”جانبازن“ جي قطار ۾ اچي ويو هو. ورنه ڇا لڳي جهيڙو ۽ ڇا عثمان! ڪوڙو ئي نه پئي لڳو!

پورو چنڊ آسمان تي مشڪي رهيو هو ۽ چنڊ جي دل آويز روشنيءَ ۾ هن جون ٽيئي ڏيئر ننڊ ۾ بي خبر ستيون پيون هيون، سندن چهري تي اداسيءَ جي لهر ڇانئجي پيئي هئي ۽ عثمان کٽ تي ويٺو سوچي رهيو هو:

”اڄ خاتون کي مئي چوٿون مهينو گذري چڪو آهي.... ۽ هو اڃان پنهنجي گهر نئين زال نه آڻي سگهيو آهي!“ ۽ ڪالهه رابعه جي مڱڻي سندس سڪل زخمن ۾ رت ڀري ڇڏيو.

اڄ ڀوريون دفعو هو، جو قدرت کيس بيحد سفاڪ نظر آئي! جڏهن خاتون مري ويئي هئي ۽ سندس ٻڌيو گهر بگڙجي ويو هو، تڏهن به کيس خدا سان ايتري شڪايت نه هئي، جيتري اڄ هن جي دل ۾ پيدا ٿي پيئي هئي!

هوا جي پرن تي ڪڇندي، سرنهن جي ڀيني خوشبو سان گڏ، رابعه جي گهر مان دهل جو آواز به اچي رهيو هو. عورتون لاڏا ڳائي رهيون هيون ۽ رات جي خاموشيءَ ۾ سندن نناڍڙا ٽهڪڙا گونجي رهيا هئا، جن عثمان جي دل کي ڇيري ٿي ڇڏيو.

سندس قسمت ڪيتري نه خراب هئي! اڄ هن اڳين ۽ پوين ڏکن کي ياد ڪري روئڻ ٿي چاهيو، مگر سندس اکيون روئڻ کان به پڙ ڪيئي ٻيٺيون.... ۽ هو بيقراريءَ وچان اٿي ٽهلڻ لڳو.

چنڊ ڪڪرن مان ليئو پائي هيٺ ڏٺو ۽ کيس ايترو پريشان ڏسي، طنز طور مشڪڻ لڳو— ”انسان ڪيترو نه بيوفا آهي!“ ان سوچيو.

پاڇو

هوا جي ٻرن تي ڪڇندي، سرنهن جي پيلي خوشبوء سان، دور کان لاڏا ٻه ڪيس ٻڌڻ ۾ پئي آيا ۽ هن کي ڇيڙي رهيا هيا. هو خار وچان پڻ پڻ ڪري، سيني مائٽن کي گاريون ذهن لڳو- آواز تي سندس وڏي ڏيءُ جاڳي پئي ۽ ڪيس پڻ پڻ ڪندو ڏسي وري اکيون بند ڪري ليٽي پئي.

[ماهنامه ”مارئي“، جلد ۱ نمبر ۴، مئي، جون، ۱۹۵۷ع، حيدرآباد.]

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جوڀن پڄ ٿي ڏينهڙا

هو آتشدان جي قريب ڪرسيءَ تي ويٺو، ڪا ميگزين ڏسي رهيو هو. ڪمري جا سڀ در ۽ دريون بند هئا. مسلسل ٽي ڏينهن لڳاتار برسات پئي هلي، جنهن سردين کي وڌائي ڇڏيو هو. ائين محسوس ٿي رهيو هوس، ڄڻڪ هو ڪنهن برفاني علائقي ۾ مقيم هجي.

هن اوور ڪوٽ جو ڪالر مٿي ڪري پنهنجي ڳلي کي محفوظ ڪيو ۽ آتشدان ۾ ٻه ٽي ڪاٺين جا ٽڪرا وڌا. باهه جا شعلا وري تيزيءَ سان نچڻ لڳا — ديوار تي ٽنگيل گهڙيال ڏهه ٺڪ هنيا، ۽ هن ڪر موڙي اخبار ميز تي رکي ڇڏي — لائيٽر ڪڍي سگريٽ دکايائين — سندس نگاهون وري ڪارنس تي رکيل تصوير تي وڃي کتيون — ۽ هن کان ٿڌو ساهه نڪري ويو —.

هيءَ ياسمين جو پورٽريٽ فوٽو هو. ڀرسان گلدان ۾ رکيل نرگس جا گل سرد هوا ۾ ڪومائجي چڪا هئا — پر فوٽي ۾ ياسمين جون اکيون ساڳيون آلي پر فسون هيون — هنجي اُداسي گهري ٿي وئي. ڪرسيءَ تي ٿي هو نيم دراز سگريٽ جي دونهي کي ڏسڻ لڳو — ۽ اتي ٻه هڪ مدهم، مانوس شڪل ظاهر ٿيڻ لڳي — هو سگريٽ جي نڪرندڙ دونهي کي ڏسندو رهيو — ۽ سوچيندو رهيو ......

ان وقت رضيه پردو پري ڪري اندر ڏٺو، ۽ هنکي ائين سوچ ۾ گم ڏسي سندس چهري تي هلڪي خفگي ڇانئجي وئي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ هوءَ خوابگاهه ڏي هلي وئي — هو بدستور سوچيندو رهيو. سندس ذهن آڏو ٻه سال اڳ جا واقعات ايندا ويا.

ٻه سال اڳ، اهڙي ئي سرد رات هئي ۽ اهوئي وقت هو. هو پنهنجي ڪمري ۾ پڙهي رهيو هو. سندس دل پڙهڻ ۾ بالڪل نه لڳي رهي هئي — تفريح جو به وقت نه هو — تنهن هوندي به هو اوور ڪوٽ پائي هيٺ لٿو، ۽ گئريج مان ڪار ڪيي ائين ئي بي مقصد چڪر ڏيڻ لڳو — ڪجهه دير بعد، جڏهن هنجي ڪار پئراڊائيز جي بلند عمارت اڳيان آئي، تڏهن سندس هٿ خودبخود ٻهجي ويا ۽ هو سئنيما هال ۾ داخل ٿي ويو. الائي ڪهڙي فلم هئي، ڪيس اها به ته خبر ڪين هئي! ۽ جڏهن ٽڪيٽ وٺي اندرهال ۾ پهتو تڏهن سندس نگاهه سرسري طور هڪ ڪارين اکين واريءَ ڇوڪريءَ سان ٽڪرائي. ڪيس اهي اکيون بيحد خوبصورت لڳيون.... ۽ هنجي دل ۾ وري انهن اکين کي دوباره ڏسڻ جو چاهه جاڳيو. هن وري ڏٺو، ڇوڪري هينئر پنهنجي ڀرسان ويٺل ٻيءَ ڇوڪريءَ سان ڳالهائي رهي هئي.

ان وقت ئي بتيون گل ٿي ويون ۽ سڄي هال ۾ هلڪو انڌيرو ڇائنجي ويو، ۽ هو پنهنجي سيٽ تي ويهي رهيو.

فلم ڪافي دلچسپ هئي، ليڪن ڏسندي ڏسندي هنجي ذهن آڏو وري اهي ٻه ڪاريون اکيون ابري ٿي آيون. هنجو ڌيان فلم مان هٽي پئي ويو. اف! ڪيتريون نه پرڪشش هيون اهي اکيون! اکيون ته نه هيون، ٻه شراب جا لبريز جام هئا....!

هن اهڙيون اکيون اڳ ڪڏهن به نه ڏٺيون هيون، يا اگر ڏٺيون هيون ته انهن کان ايترو متاثر نه ٿيو هو.

انٽرول ٿيو، ليڪن هن عام لوفرن جيان چالاڪيءَ سان پنهنجي نهاري ان ڇوڪريءَ کي ڏسڻ جي ڪوشش نه ڪئي، ۽ نه فلم ختم ٿيڻ تي هو سندس انتظار ۾ ٻاهر بيهي رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گلن کي ڏسي، وري سيميءَ کي ڏسڻ لڳو- نرگس جي گلن ۾ ياسمين جي اکين ۾ ڪيتري نہ مشابهت هئي!

”ياسمين.... او ياسمين!“ هن ڪيس آهستي سڏيو.

”هون!“

”هي نرگس جا گل تنهنجي اکين سان ڪيڏو نہ مشابهہ آهن!“

۽ سيمي شرمائجي ويئي.

اهي ڏينهن جلد گذري ويا- ياسمين سياڻي وڃي رهي هئي.

منجهند جو ڪاڌي جي ميز تي شفيق خالہ جي روانگيءَ جو پروگرام ٻڌو، تہ دل ٻڏي ويس- ڪاڌي بعد، آپا نجمہ جي ڪمري ۾ وڃڻ جي بجاءِ هو پنهنجي ڪمري ۾ هليو آيو.

شام جو ڪپڙا تبديل ڪرڻ بنان هيٺ باغ ۾ هليو ويو. پريان سيمي سرخ گلاب جي ٻوٽن کي پاڻي ڏيئي رهي هئي. بدستور شگفتہ، ڪيس وڃڻ جو ذرو بہ افسوس نتي ڏنو.... تڏهن بہ سندس اکين ۾ ڪا ڪهاڻي ضرور هئي!.... الائي ڪهڙو جذبو هو؟..... هو اهو سوچيندو هيڏانهن وڌي آيو.

”سيمي! تون سياڻي وڃي رهي آهين نہ؟“

”ها-“ سيميءَ مختصر جواب ڏنو.

شفيق کي اڄ سندس اکين ۾ هلڪي اداسي نظر آئي.

”مان هنن نرگس جي گلن ڏانهن ڏسندس، سيمي! جڏهن مون کي تنهنجي ياد ايندي-“ شفيق اداسيءَ سان چيو.

”ها! پوءِ- پوءِ تہ توکي منهنجي هجڻ يا نہ هجڻ جو فرق ئي نہ محسوس ٿيندو-“ سيميءَ هن جي اداسي دور ڪرڻ خاطر کلي چيو.

۽ آپا نجمہ اچي چيو: ”اڙي، شفيق! تون ڪپڙا بدلائي جلد اچ تہ ڪجھ شاپنگ ڪرڻ هلون-“ ۽ هو هلڪي سيٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن دفعي ماسيءَ نہ مجبوري ڏسي شڪايت نہ ڪئي، مگر شفيق کي نعيم جو پرچائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو. سندس هر خط ۾ شڪايت لکيل هوندي هئي تہ ”توهان نہ آيا، ۽ هتي اسان جا سڀ پروگرام خراب ٿي ويا. مان آپا سان ڏهن ڏينهن جي شرط بہ رکي هئي. آپا چوندي هئي تہ، توهان هميشه بهاني باز آهيو. توهان نہ ايندا. توهان نہ صرف انتظار ڪرائي ڇاڏيو. توهان کي ڪنهن جي انتظار جي ڪهڙي پرواهہ! سو توهان ڪڏهن نہ ايندا. ليڪن مان چوندو هيس تہ توهان ضرور ايندا، ۽ هينئر، هن دفعي توهان نہ اچي، پنهنجي پروگرامن سان گڏ منهنجي ڏهن رپين جو نقصان ڪيو. ان سان گڏ آپا جي مذاق جو شڪار بہ بڻجڻو پيو،“ وغيره مس مس هو نعيم کي راضي ڪري سگهيو ۽ هڪ خوبصورت پين پارسل ڪري، ان شرط هارائڻ جو عيوض موڪلي، ساڍس ايندڙ موڪلن ۾ اچڻ جو پڪو انجام ڪيو- تڏهن مس مس نعيم جا شڪايت آميز خط بند ٿيا.

مئي جي گرم منجهند هئي. هو پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو پڙهي رهيو هو، تہ دفعتاً ٻاهر ڪنهن سڏ ڪيو. نوڪر سڀ پنهنجن ڪوارٽرن ۾ ستا پيا هيا. هو جلد هيٺ لهي آيو- تار واري کيس تار ڏني ۽ تار پڙهي هن جي اکين اڳيان اوندهہ اچي ويئي. ”اوهہ، خدا...... ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو“ هو بمشڪل اندر پهتو.

”ڪنهن جي تار آهي؟“ هن جي ماءُ سندس بدحواسيءَ کان خوفزده ٿي پڇيو. هو ڏانهنس تار وڌائي، صوفي تي ان ٿڪل مسافر وانگر ڪري پيو، جنهن جو سڀ ڪجهہ برباد ٿي چڪو هو.

تار پڙهي سندس ماءُ کان بہ بي ساختہ چيٽ نڪري ويئي- ”يا خدا! ياسمين مري وئي....!“ اهي اکر اعتبار ڪرڻ جهڙا ڪٿي هيا؟ سڄي گهر تي غم جي لهر ڇانئجي ويئي، ۽ هو

شاديءَ لاءِ اصرار ڪرڻ لڳي. هو روئي ويٺو – ۽ ماسي پنهنجا ڳوڙها لڪائي، هن جا ڳوڙها اگهي، چوڻ لڳي: ”جيئڻ! ائين مري وڃڻ ڪڏهن ٺهي؟ ڏس! صبر ڪر، منهنجي اها آس پوري ڪر، نہ تہ مان بہ روئي ويهندي سانءِ —“

پر هو چپ چاپ ويٺو رهيو.

”مون ڪي اديءَ تنهنجي لاءِ لکيو، نڌهن نہ مان آئي آهيان.... ڏس! هينئر سيالو ٿي.... ۽ مون ڪي ڏک نہ ڏي —“ ۽ ماسي بہ روئي ويٺي.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ رضيہ هن جي زندگيءَ ۾ داخل ٿي ويئي.

انهيءَ واقعي کي ٻہ سال گذري چڪا هئا، ليڪن هو اڄ تائين ڪجهہ بہ نہ نہ وساري سگهيو هو!

گهڙيال يارهن جا ٽڪ هنيا، ۽ هن جو تصور ٽٽي پيو.... ڪهاڻي بہ ختم ٿي چڪي هئي! اڳتي سوچڻ جي قابل ڳالهہ بہ نہ هئي....!!

هو ڪر موڙي اٿي ويٺو. ۽ هن کان هڪ لنبي آهہ نڪري ويئي.... ۽ هڪ هلڪو آلاپ هن جي ڪنن ۾ وڄڻ لڳو:

”رانيون جاڳن جي، سي آهہ ڪندي سيڻ، جوين ٻہ ٿي ڏينهڙا....“

سچ پچ سيمي هن کي رانين جو اوجاڳو ڏيئي هلي ويئي هئي.... هن ڪيترو نہ سچ چيو هو!

”رانيون جاڳن جي،
سي آهہ ڪندي سيڻ....“

کيس ياد آيو، جڏهن هن سيميءَ کي چيو هو تہ.... ’ها، پوءِ توکي انهيءَ حالت ۾ منهنجي هجڻ نہ هجڻ جو فرق ٿي

محسوس نہ ٿيندو—'

"ڪاش تون اچ ڏسين... تہ مان تنهنجي نہ هجڻ جو ڪيڏو نہ فرق محسوس ڪيو آهي..." شفيق ٿڌو ساهہ ڀري، آهستي چيو... ۽ بتي وسائي، مدهم سيٽي وڄائيندو، خوابگاهہ ڏي هليو ويو.

["مارئي"، جولاءِ- ١٩٥٧ع]

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# بيشرم ڪير؟

”ڪيترا گهرجني؟“

هن اڪيون مٿي ڪيون، سندس چهري ڏانهن نهاريو، جنهن تي واپارين جهڙي پختگي ظاهر هئي. هوءَ ڪجهه مايوس ۽ حيران ٿي ويئي، پر وري به دل پڪي ڪري چيائين:

”جيترا تون ڏين-“

هن چرمي پٽون کولي پنجين پنجين جا ٻه نوٽ ڪڍي ڏانهنس وڌايا.

”اڇي وٽ-“ ۽ ڏهن رپين کي ڏسي هن کان ٽڏو ساهه پرجي ويو، مصنوعي مرڪ سان چيائين:

”رهڻ ڏيو، مون وٽ اڃا ڪافي پيسو آهي. مان اوهان سان پيائي رکي، پيسا ڦرڻ نٿي چاهيان-“

۽ خوشيءَ جي ڪڙ ڪڙ ڪندا نوٽ باآساني چرمي پٽونءَ ۾ پهچي ويا، ۽ اسلم جي ذهن ۾ ڪجهه ننڍڙا ننڍڙا اخراجات اڀري آيا- مثلاً هن ڏهن رپين سان سندس فوزيءَ جو بوٽ ٺي خريد ڪري سگهجي پيو.... هو مطمئن دل سان اٿي ڪڙو ٿيو. يڪايڪ هن کي ڪجهه ياد آيو ۽ گهر ۾ هيڏي هوڏي نهاريندي چيائين:

”سعيد ڪٿي آهي؟“

زبيده طنزيه مرڪ سان ڏانهنس نهاري، آڱر جو اشارو ڪيو، جتي ورانڊي جي ڪنڊ ۾ هو ڀڳل ٽٽل رانديڪن سان کيڏي رهيو هو.

”هون! راند ٿو ڪري - چڱو، ڀلي ويٺو ڪري، مون کي هينئر ٽڪڙو ڪم آهي. هينئر وڃان ٿو، وري ٻئي دفعي ايندس“

چئي، هن وڃڻ لاءِ وک وڌائي، ته سعيد ڏانهس ڊوڙندو آيو ۽ چوڻ لڳو: "بابا، ماستر ٿو چوي ته ٻه رپيا ڪٽي اچ ته سليٽ ڪتاب وٺي ڏيانءِ، نه ته اسڪول مان نڪري وڃ!"

"چڱو، توکي مان آڻي ڏيندس،" هن کيس چيو ۽ پوءِ زبيده ڏي منهن ڪري چيائين: "چڱو! مان وڃان ٿو، خدا نگهبان اٿيئي."

۽ هوءَ ڪوشش جي باوجود کيس ڪجهه به نه چئي سگهي. دروازو زور سان کلي وري بند ٿيو، هو هليو ويو ۽ هن جي اکين ۾ آنسو پرجي آيا.

هوءَ ڪيتري دير تائين پنهنجي قسمت جي ڪارڻ کي اکين جي آب سان ڌوئڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي رهي ۽ ننڍڙو سعيد کيس روئندو ڏسي حيرانگيءَ ۽ ڊپ جي ملي جلي ڪيفيت سان ڏانهنس ڏسڻ لڳو!

"امان، تون روئين ڇو ٿي؟ بابا توسان وڙهيو ڇا؟" سعيد اداس نوع ۾ پڇيو.

زبيده کان چرڪ پرجي ويو. "نه نه، مان ڪٿي ٿي روئان! تون وڃي راند ڪر، شاباس!" هن پوتيءَ جي پلئه سان اکيون اگهندي چيو.

سعيد مات ڪري پري وڃي ويهي رهيو. هن جو ننڍڙو دماغ سوچ ۾ پئجي ويو، ليڪن ڪابه صاف ۽ سلجهيل ڳالهه هن جي دماغ ۾ نه اچي سگهي.

زبيده اٿي، گهر جي ڪم ڪار کي لڳي ويئي. هوءَ سوچڻ لڳي.... هيترو رنو اٿم، پر ڪوبه ته فرق ڪونه پيو، منهنجا ڳوڙها منهنجي قسمت جي سياهي ذري به نه ڌوئي سگهيا آهن-؟ پوءِ هينئر ڇا لاءِ روئڻ گهرجيم! هينئر ته سعيد به مون کي روئندو ڏسي آداس ٿي وڃي ٿو، ڪم از ڪم هن کي ته مان مايوس ٿيڻ نه ڏيان-! ۽ دير تائين سندس دماغ بي ربط ۽ مايوس خيالن جو آماجگاه بڻيو رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن جي زندگيءَ مان بهار تہ تڏهين ئي موڪلائي ويو هو، جڏهن هو ساجده کي پنهنجي ئي زال بڻائي وٺي آيو هو، ليڪن تڏهن بہ اميدن کيس مايوس ٿيڻ نہ ڏنو هو. هن سوچيو هو تہ جنهن دولت ۽ عشرت جي اڳي هوءَ اڪيلي مالڪ هوندي هئي، ان جو هينئر ٻيو ڀائيوار بہ پيدا ٿيو هو- ليڪن سندس مٿي حڪومت ڪسجي وينديءَ، اها کيس اميد نہ هئي!!

۽ پوءِ سعيد جون حرڪتون ساجده جي اکين ۾ ڪنڊو بڻجي چڀڻ لڳيون هيون .... پوءِ، جنهن سعيد کي اڳي پيءُ وٽان پيار ملندو هو، ان کي وٽانئس صرف ڌمڪيون ملڻ لڳيون. آخرڪار هو ۽ زبيده وڏي حويليءَ مان نڪري، پر واري ننڍڙي گهر ۾ رهڻ لڳا هئا!

تڏهن اسلم کيس وچڻ وقت چيو هو:

”زبي! منهنجو ساٿ نوسان آهي. بس، ڇا ڪريان، ساجده بہ عجيب ڇيڙاڪ ٿي پيئي آهي. ڊاڪٽر چيو تہ هوءَ حامله آهي، سندس گهڻو خيال رکندا. نہ تہ مان هن جي انهيءَ صلاح کي ڪونہ مڃان ها تہ ڪو تون اڪيلي وڃي رهہ! مڙيوئي ڪجهہ وقت ڪان پوءِ توکي پاڻ سان وري گڏ رهائيندس.“

۽ زبيده مايوسين جي اٿاهہ لهرن ۾ لڙهندي، وڃي جدا ويٺي- اسلم هينئر کيس هر مهيني جي شروعات ۾ گهر جي خرچ لاءِ ڪافي پيسو ڏيندو هو ۽ زبيده اُداس اُداس پنهنجي حال تي شاڪر زندگي گذاريندي رهندي هئي.

انهن ڏينهن ۾ اسلم کي واپار جي سلسلي ۾ ڪجهہ روپين جي ضرورت محسوس ٿي ۽ هن زبيده تي زور آندو تہ هوءَ پنهنجن عزيزن مان ڪنهن وٽان کيس ٻہ هزار روپيا قرض طور وٺي ڏئي.

هيءُ موقعو سندس دل وٺڻ لاءِ سٺو هو، اهو سوچي زبيده ڪوشش ڪري مڙيوئي هڪ هزار روپيا کيس قرض طور وٺي ڏنا.

وٺي! اسلم سندس پورهٽي کي نفرت جي نگاهه سان ڇو ٿي ڏٺو؟... سندس ته هر خيال عجيب هو، ۽ هوءَ سوچڻ لڳي ته اگر اها بيشرمي آهي ته بيشرم ڪير؟ اسلم يا مان؟ .... ۽ اگر مان، ته مون کي الهيءَ بي شرميءَ تي آماده ڪنهن ڪيو؟

[ماهوار "مارئي" جلد ۱، نمبر ۹، آڪٽوبر ۱۹۵۷ع، حيدرآباد]

A 93
15-2-91



Scanned with CamScanner

سعيده آهين نه، هينئر مون ڪان نه رسجانءِ ۽ سعيده ڪي ياد ڪندي من جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پوندا هئا ۽ نئين سعيده بيخبري مان کلندي هئي- سندس ماءُ سعيده کي ياد رکڻ لاءِ هن ڌيءُ جو نالو به سعيده ئي رکيو هو.

— دور آسمان کان آها معصوم مکڙي سعيده، جنهن کي دنيا صرف آنسو ۽ اذيتون ڏنيون هيون، هن ننڍين سعيده جي خوشقسمتيءَ کي ستارن جي اکين سان ڏسي فقط مرڪندي هئي ۽ بس—

[ماهوار "مارئي" جلد ۱، نمبر ۱۰، نومبر ۱۹۵۷ع، حيدرآباد]

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دور زائين هن کي ڪنهن چانوري جي اميد نہ هئي.

ماءُ جي مري وڃڻ کان پوءِ افتخار جي امنگن کي شڪست اچي وئي. ڏهنئر وري نئين سر زندگيءَ جون تمنائون ڪندي کيس خوف ٿيڻ لڳو، هر تمنا جو حاصل جڏهن مايوسيون ئي پئي ٿيون، تہ پوءِ تمنا ڪرڻ مان ڇا فائدو!....

سوچيندي سوچيندي هن جي دل اداس ٿي وئي. جڏهن هو پنهنجي زمين جي حدن ۾ داخل ٿيو، تڏهن سج غروب ٿي چڪو هو. سندس ڪڙمين جون جهوپڙيون اڃا ميل کن پري هيون. هن جي سائيڪل پچي پئي هئي، اڄ هو پيدل زمين تي اچي ٿڪ ۽ پياس کان تنگ ٿي ويو هو. ننڍڙي لوڙهي پٺيان فيروز جن جي زمين جي حد پئي شروع ٿي. کيس لوڙهي کان ٿورو پريان ڪنهن ماڻهوءَ جو ساءو نظر آيو. هن کيس سڏيو. جڏهن هو ويجهو آيو، تہ هن ڏٺو، اها هڪڙي ڇوڪري هئي.

”ڇو؟ تون ڪير آهين....“ ڇوڪريءَ کانئس پڇيو.

”مان ڪير آهيان، ان کي تون ڇا ڪندينءَ، پر تون مون کي ٿورو پاڻي پياري سگهندينءَ“ افتخار رڪائيءَ مان چيو.

”ڇگو رهي، اسان جي جهوپڙيءَ ۾ اڄ تہ پالي ڏيانءِ....“ ڇوڪريءَ کيس چتائي ڏسندي چيو.

”گوڻالي تي ڪري بہ ڏجهن ٿي، تون وڏيري اختر جي ڪڙمياڻي آهين نہ....“ افتخار هلڪيءَ نفرت مان لوڙهو لنگهندي چيو.

ڇوڪريءَ کيس جواب نہ ڏنو. هوءَ تڪڙي تڪڙي هڪڙيءَ جهوپڙيءَ ۾ هلي وئي. افتخار جهوپڙيءَ ٻاهران بيهي رهيو. گهڙيءَ کان پوءِ هڪ مرد پٺيان اها ڇوڪري ٻاهر نڪتي. سندس هٿن ۾ پاليءَ جو ڀريل ٿانءُ هو. انهيءَ مرد ويجهو اچي کيس چيو:

”اچو سائين! مانيءَ لڪر کائي پوءِ وڃجو، ڪيڏانهن وڃڻو اٿو؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فضا ۾ گولي ڇٽڻ جـو آواز ڦهلجي ويو. ان کان پوءِ
هڪ ڇيٽ اپري بند ٿي وئي—لڳاتار ٻه فائر ٿيا، پوءِ ٻوڙن
۾ ڏڪ ٻوڙ لڳي وئي.

خاموش فضا ۾ شور ڇانئجي ويو. گوليءَ جي آواز تي
آسپاس جا ماڻهو مڙي آيا.

* * *

نما شام مهل هن آئي ڏيئي تي وٽ چاڙهي. ۽ وري
اچي کنهبي رئي کي ڪناري لڳائڻ لڳي. پرسان ويٺي ماسي
خيران سرخ ريشمي ڪپڙن تي سرمون زري پري رهي هئي.
ٻنهي آهستي آهستي لاڏا سهرا پئي ڳايا. ته دفعتاً ساجيءَ جي
آڱر ۾ سئي چڀي وئي. هن جو راڳ ڇيٽ ۾ ڦري ويو. ماسي
خيران هن جي آڱر مان سئي ڇڪي ڪڍي، ته هن جي اکين ۾
سور جي تڪليف ڪان پاڻي اچي ويو ۽ آڱر مان رت وهي
کنهبي رئي ۾ جذب ٿيڻ لڳو....

"ڌيءَ، بدسوڻ نه نه ڪر، سنڀال نه متان شاديءَ جي
ڪپڙن تي رت نه لڳي وڃي!—."

ساجيءَ هٿ پري ڪيو، پر خون جا ڪيترا ڦڙا سرخ
ڪپڙن تي ڪري، سندن سرخي گهري ڪري ويا—!

۽ گهر جي ٻاهران واري املداس جي خزان رسيده وڻ
تان الو چرڙاٽ ڪندو، دور تاريڪين ۾ گم ٿي ويو—!!

["مارئي"، جلد نمبر ١، جولاءِ ١٩٥٨ع حيدرآباد]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪنول

اڄ ڏکن وري ڪر موڙيا، دل ۾ جيڪو زخم وقت جي مرهم سان ڀرجي ويو هو، سو وري تازو ٿيو. ذهن نارسا موت و زيست جي ڪشمڪش کان ٿڪري، ماضيءَ جي خوابيده ياد سان ٽڪرائجي ويو. ٽٽل ساز وڄي اٿيا ۽ ڌيمي سر ۾ غمگين نغمه جاڳي اٿيا، اهي نغما، جيڪي دل جي ساز تي بارها ناڪاميءَ تي ڳايا ويا آهن.

هيءَ الجهن، هيءَ درد، جو اڄ منهنجي رڳ رڳ ۾ محسوس ٿي رهيو آهي، اهو ڪو نئون نه آهي. جڏهن به تارن تي ڪنهن بي فڪريءَ ۽ زور سان ڪو نئون سر شروع ڪيو آهي، هو هڪ چيٽ ڪري ڇڄي پيا آهن— هر دفعي، جڏهن به ناڪاميءَ سان واسطو پيو.

اڄ سعيد، منهنجي دوست، جنهن مون کي وارڊ ۾ آڻي، دوا ۽ کاڌي جو بندوبست ڪيو آهي، الائي ڪٿان تنهنجي تصوير کڻي آيو. ليڪن تنهنجي اکين جا چراغ وسايل معلوم ٿين ٿا. هيءَ تنهنجي نئين تصوير آهي، شاديءَ کان پوءِ جي. انهن حيران ڪن اکين ۾ ڪيترن يادن جا راز پوشيده هئا.... ليڪن اڄ مون کي انهن ۾ سواءِ ويرانين جي ٻيو ڪجهه به نظر نٿو اچي. شايد هي منهنجي نظر جو قصور هجي، جيڪا زندگيءَ جي هر چيز ۾ صحرانوارديءَ واسطي ويراني تلاش ڪندي آهي.

مون کي منهنجي آنسن جو عيوض ڪجهه نه مليو. اهي آنسو، جيڪي اڄ ڏئين منهنجو دامن آلو نه ڪري سگهيا، انهن جي بي وسي تون ڇا ڄاڻين! جيڪي پلڪن تي لرزڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ڇڏيو هجي........ ورنه قمر جي اکين ۾ فانحانه چمڪ جي بجاءِ مون لاءِ جان نه هجي ها!

اڄ، ائين محسوس ٿي رهيو آهي ته زندگيءَ جو ٻيو ڪنارو اچي چڪو. مان به هميشه سراب جي تلاش ۾ زنده رهڻ نٿو چاهيان.

اڄ يادن جا ناسور مون پنهنجن هٿن سان ڪرڙيا آهن. شايد هنن زخمن جي مهڪ تو تائين به پهچي وڃي!

تنهنجي تصوير منهنجي دوست الائي ڪٿان آڻي ڏني آهي........ مان سنسان فضائن ۾ ساهه کڻي نٿو سگهان........ رهگذارن تي ٻوڙڻ جي قوت ختم ٿي چڪي آهي.... واريءَ کي اڪيلو نچڻ ڏي........

تنهنجون اکيون اڄان به چلڪي رهيون آهن. شايد، محبت ڪان، شايد رحم ڪان،.... ممڪن آهي هيءَ به منهنجي ويرانيءَ جو عڪس هجي........ خوش فهمي هجي........ خوابن جي دنيا هجي........ تنهنجي اکين جا آنسو نه هجن.... پنهنجي دل جا زخم هجن.... جوڪي مون کي هنڌ هنڌ پيا نظر اچن!

["مارئي"، جلد-٢- نمبر ٢، آگسٽ ١٩٥٨ع، حيدرآباد.]

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجي مدد جي ضرورت نه آهي“ ۽ هو پيسا سندس مٿي تي رکي، کيس خدا حافظ چئي، هليو ويو. پرويز کي سندس شخصيت گهڻو متاثر ڪري ڇڏيو، ۽ هن ساڻس دوستي رکي. مس مس هو هن جو دوست ٿيو ۽ وري اهڙو ته گهرو، جو کيس چوندو هو ته دنيا ۾ مون سچائي ۽ بي غرض محبت ڪٿي نه ڏٺي. هميشه جڏهن ته تون منهنجو دوست ٿيو آهين، تڏهن منهنجي تمنا آهي ته اها دوستي هميشه قائم رهي. آءٌ خود ڪڏهن ان کي ٽوڙڻ لاءِ ڪو قدم نه کڻندس. اسين انسان هميشه سراب جي پٺيان ڀٽڪندا رهيا آهيون. اسان ڪڏهن به ته ڪنهن محبت ۽ سچائيءَ کي برقرار ۽ زنده رهڻ نه ڏنو آهي! ائين ٿيندو آهي ڇاڪاڻ اسين سچائيءَ ۽ خلوص جي تلاش ۾ نه بلڪ نفرت جي تلاش ۾ آهيون. تڏهن ئي ته اسان جي جستجو جي آخر ۾ محبت کان وڌيڪ نفرتون نظر اينديون آهن. هر دل نفرتن جو آماجگاهه بڻيل آهي. ڪنهن انسان جي دل ۾ ڪنهن جي نفرت ته ڪنهن ۾ ڪنهن جي. اسان ڪنهن سچائيءَ جو قدر ڇو نه ڪندا آهيون؟.... اسان محبت کي موت ڇو ڏئي ڇڏيندا آهيون....؟ ۽ اها انسان جي ڪمزوري نه وڏي شڪست آهي!“

هو فلسفي ۾ ڇڙي ويندو هو. هن پرويز جي عادتن کي به ڏاڍو آئلائي ڏٺو ۽ جڏهن کيس سندس دل ۾ سچو خلوص نظر آيو تڏهن هن کيس پنهنجو آخري دوست بڻايو، ۽ هن کي پنهنجي ڏکويل دل جا داغ ڏيکاريا.

پروفيسر جي دل ۾ پنهنجي وڏيءَ ڀيڻ لاءِ بي انتها عزت ۽ محبت هوندي هئي، اهڙي جهڙي ڪنهن ديويءَ لاءِ پوڄاريءَ جي دل ۾ هجي. هو اڪثر ساڻس پنهنجي فرشته خصلت ڀيڻ جون ڳالهيون ڪندو هو، جنهن کي هن دنيا ۾ هڪ جواري شرابي شوهر مليو هو؛ ليڪن سندس دل ڏاڍي وسيع هوندي هئي. سعيد ڪڏهن به هن جي چهري تي فڪر جي علامت نه ڏٺي هئي، خواه سندس شوهر راتن جون راتيون عيش پرستيءَ

۾ بسر ڇو نہ ڪندو هجي، ليڪن هن جي مرڪ بدستور جوان هوندي هئي. سعيد جا والدين ننڍپڻ ۾ فوت ٿي ويا هئا. هن کي پنهنجي وڏي ڀيڻ اينتريءَ ٿي محبت ۽ شفقت سان پاليو هو جهڙو پيار کيس والدين ڏين ها. پوءِ اها مشفق ڀيڻ سندس اَفيسريءَ ۽ شاديءَ جو ڏک کڻي، هن کي هڪ گلن جهڙي ڌيءَ سونپي، ستارن جي دنيا هلي ويئي هئي. هن ڪڏهن به پنهنجي شرابي سائيءَ جي حڪم جي انحرافي نہ ڪئي هئي، ۽ نہ سائس ڪا شڪايت ٿي ڪئي؛ ليڪن ان جي باوجود سندس دل ۾ پنهنجي شوهر جي ڪنڊن جهڙي وجود لاءِ ذري بہ جڳهہ نہ هوندي هئي. هو هڪٻئي جا سائي هئا، ليڪن هڪٻئي کان بيخبر. سندس شوهر زندگيءَ جي گلستان ۾ گلن جي خوشبو سان پنهنجي روح کي معطر ڪندو هو ۽ هوءَ ساڳئي رستي تي پنهنجي سائيءَ سان گڏ ڪنڊن ڀريءَ راهہ تي پنهنجا پير زخمي ڪندي، منزل ڏي وڌندي هئي.

هڪ دفعي سندس مڙس ڪنهن ڳالهہ تي مٿس سخت ناراض ٿيو. کيس سخت بد شد ڳالهائي، جڏهن هو ٻاهر هليو ويو، تہ سعيد معصوميت سان هن کي چيو هو:

”ادي، ادا جو توسان هيڏو وڙهندو آهي، پوءِ تو کي ڏک اصل نہ ٿيندو آ ڇا؟“ آن وقت هن ڏٺو هو تہ سندس اکين ۾ نمي اڇي وئي هئي- ڪو سندس غمگسار بہ تہ ڪونہ هوندو هئو، پوءِ هوءَ روئي بہ ڇا لاءِ، جڏهن ڪو سندس آنسو اُگهڻ وارو ڪونہ هو. هن کيس چيو هو:

”نہ منڙا....“ پوءِ محويت ۾ چيوهئائين.... ”باقي ٿورو پنڌ.... ليڪ تہ منزل ايندي.... هان سعيد! ليڪ تہ منزل ايندي....؟“ سعيد بنا سوچڻ سمجهڻ جي کيس ڪنڌ لوڏي ”ها ڪئي“ هئي ۽ سندس اکين ۾ بہ لڙڪ تري آيا هئا. سالن گذرڻ کان پوءِ بہ سعيد کي اهو واقعو اڄ تائين چٽو ياد هو. هوءَ ”ڪانهي ڪڙائي، چڪين جي چيت ڪري“ جو زنده مثال هئي. جڏهن

پروفيسر ڏاج لاءِ ڪيترائي قيمتي ڪپڙا، زيور ۽ سامان وغيره ورتا هيا. هن پنهنجي پوري پونجي فوزيءَ جي شاديءَ تي خرچ ڪرڻ ٿي چاهي. هو زنده به ته صرف هن لاءِ رهيو هو، نه ته سندس زندگيءَ ۾ هئو ئي ڇا! پوءِ اماس جي ڪاريءَ رات ۾ هن فوزيءَ جي محفل ستارن سان سجائي هئي. ۽ سندس اکين ۾ هڪ به ستارو نه پئي چمڪيو.... پوءِ.... فوزيءَ جي گلن سان سينگاريل ڪار هوائن کي خوشبو سان اڇائيندي ڦاٽڪ مان لنگهي وئي هئي.... ۽ سڀڪجهه ختم ٿي ويو هو.

سڀڪجهه ختم ٿي ويو هو.... ۽ هن تمام رات ستارن سان جهلمل روشنين کي ٽڪيندي پره ڪري ڇڏي، آسمان مان آخري ستارو به فضا جي تاريڪين ۾ گم ٿي ويو، ۽ وٽس به ڪا چمڪندڙ ياد باقي نه رهي. هو آهستي آهستي جهونگارڻ لڳو:

پتنگ چائين پاڻ کي، ته اچي آڳ اجهاءِ
پچن ڪيئا پچائيا، تون پچن کي پچاءِ....

دفعتاً هن کي خيال آيو ته اگر هينئر شمس ڪانئس پڇيو ته هو ڪيس هينئر ڇا چوندو: هو ڪيس ڪهڙو جواب ڏيندو........

["مارئي"، جلد ٢- نمبر ٦، ڊسمبر ١٩٥٨ع، حيدرآباد]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ٿڪجي پيئين ڇا؟.... بس، هاڻي سج لهڻ آيو ڪي آيو. اجهو ٿا گهر پهچون.“

هن اجرڪ جي اوٽ مان آسمان ڏي نهاريو.

اوڀر وٽ شفق جي ڳاڙهي گهونگهٽ مان سج جو ڀڪندڙ چهرو ظاهر ٿيندو پئي ويو.

[هفتيوار مارئي (؟)]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صبح ڪٿي آهي

جي نور پريءَ نيران ۾، ڪيتريءَ دير تائين، هن جون غمانگيز اکيون فضا کي اداس ڦهانئيندڙيون رهيون.

”رضيه، سوچڻ لڳي – ’اسان جي شب سياهه جو صبح ڪٿي آهي؟‘

[”مهران“، جلد ۷، نمبر ۳–۴، ۱۹۵۸ع، حيدرآباد]

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

”تعجب آ! توهان کي پنهنجي دوست جي آفيس ٽائيم جي خبر ڪانهي! ۽ توهان کي هڪ دفعو ٻڌائڻ به شايد ڪافي نه هوندو آهي نه؟“

شڪجي، دارا خود ئي فون بند ڪري ڇڏي. ان کان پوءِ هُن وري ڪيس فون نه ڪئي، ورنه سندس فون اچڻ تي مونا ڪيس ابتا سبتا جواب ڏئي، پڻ پڻ ڪندي ونندي هئي- ’خدا جا بندا منهنجو روز سِر ڇو ٿو کائين- هڪ دفعو سهيل کان ڇو نه ٿو پڇين. جڏهن ته گهر کان گهورجي، جو شام جو نڪرندا آهيو، ته لڙيءَ رات ٿائين وڃڻ ياد نه هوندو اٿو-‘

هُوَ جيڪو چوڪرين جي خوابن جو شهزادو هو، تنهن کي مونا ڪڏهن اک کڻي ڏسڻ جي زحمت به گوارا نه ڪئي. ڪڏهن به هن جي دل ۾ هن سان ملڻ يا هن کي ڏسڻ جو چاهه نه جاڳيو. هوءَ دل ۾ چوندي هئي، ’دارا خان، جي تنهنجي اها مرضي آهي ته تنهنجون موڪلون هتي هڪ عدد افيئر لڙائڻ ۾ گذرن ته افسوس، مان تنهنجي اها آرزو پوري نٿي ڪري سگهان.‘

هوءَ ڪاليج کان واپس گهر اچي بيرُ ٿي پوندي هئي. هونئن اڪثر شام جو چانهه تي ۽ رات جو ڊائننگ ٽيبل تي سهيل ۽ هوءَ ٻئي هڪٻئي سان سڄي ڏينهن جي ڪار گذاري بيان ڪندا هئا. رات جو گڏجي واڪ ڪرڻ ويندا هئا. پر دارا جي اچڻ کان پوءِ سهيل جي فرصت جي هر گهڙي دارا سان گڏ گذرندي هئي.

الائي گهڻا دفعا سهيل جي ماني ٽيبل تي ٺري بيڪار ٿي ويندي هئي، ۽ هو دارا وٽان ماني کائي موٽندو هو، ته ان کان به وڌيڪ دفعا دارا بنان سڏ جو مهمان بڻيو هنن وٽ ماني کائيندو هو.

مونا کي تعجب ته ان ٿي لڳندو هو، جو سهيل پنهنجي هم خيال ماڻهوءَ کان سواءِ ٻيو ڪنهن سان به ايترو وقت گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"برابر، پر هارن وانگر معصوم ضرور آهي."

دارا چپ ٿي ويو.

سچ پچ جي هيءَ خوبصورت ضدي ڇوڪري سندس ئي پناهه پيار جو اثر ٿي نه ولي ته.....؟ پوءِ ڏٺو ڏينهن هو ڪاوڙ ۾ اچي هن کي ۽ پاڻ کي شوٽ ڪري ڇڏيندو.

مونا وٽان هر طرح نااميد ٿي دارا واپس لاهور هليو ويو.

هفتي بعد فوزيه کيس خط لکيو ته: "مونا آئي هئي. تمام دير سان گهر واپس وئي. اسان جو وقت ڏاڍو دلچسپ گذريو."

هن خط ڦاڙي ڇڏيو.

فوزيه مونا کي ڳالهين دوران ٻڌايو، "دارا اڪثر ماستر فقيرالدين جو هڪ پراڻو راڳ جهونگاريندو آهي. اچ ته ٻڌون."

۽ ماستر فقيرالدين جو هڪ سرگوشين ۾ ڳايل راڳ ٻڌي مونا کي ڪل اچي وئي. راڳ جا ٻول هئا:

شکوہ کسی سے ہم نہ کچھ فریاد کریں گے

لیکن ستم کو تیرے صنم یاد کرینگے۔

گذريل صديءَ جي مظلوم قسم جي پيار جي کهاڻي.

هڪ طرف مصر جي فرعونن جهڙيون جلاد قسم جون ڪنوار محبوبائون!!

کيس دارا تي تعجب لڳو.

ڪٿي ڪلبن ۾ بهترين ڊانس ڪندڙ دارا. ڪٿي هي مظلوميت ڀريل غزل.

مونا جي پيءُ جي بدلي نوابشاهه ٿي وئي. سڀ نوابشاهه هليا ويا.

هنن جي درميان وري ڪاهي اچي وئي.

.... .... ....

ٻي سال گذري ويا.

انهن سالن ۾ مونا دارا لاءِ ايترو ٻڌو ته عطيه چوڌريءَ سان سنڌس افيئر ڏو هلي.

عطيه پهريون پروفيسر ارشد جي گرل فرينڊ هوندي هئي. هن جو پرفيسر ارشد سان ڏاڍو پيار هو. جڏهن هو آمريڪا بي - ايچ - ڊي ڪرڻ ويو، ته هوءَ به سندس ڪيڏ اوڏانهن هلي ويئي پوءِ به ارشد هن سان شادي نه ڪئي. هو شادي شده هو، ۽ ڪيس چار ٻار هئا.

وڏي عمر جي هئڻ جي باوجود هن جي شخصيت ايتري دل آويز هئي، جو عطيه ته ڇا، ڪاٻه ٻي نو عمر ڇوڪري هن جي زندگي ڀر جي رفاقت قبول ڪرڻ کان نه هٽڪي ها. ارشد جيتوڻيڪ عطيه سان شادي نه ڪئي، پوءِ به هو ڪيس ڇڏڻ لاءِ تيار نه هو. هو وڏو عقلمند عاشق هو، جيڪو ڏاڍيءَ سياڻپ سان پنهنجو عشق ۽ گهرٻار ٻئي برقرار رکي رهيو هو. پر اوچتو سڄي گروپ ۾ مشهور ٿي ويو، ته عطيه اشرف کي ڇڏي هينئر دارا سان گهمندي آهي.

ارشد جي شخصيت جو جادو ٽوڙڻ واري وٽ، ارشد کان به وڌيڪ ميجڪ ( Magic ) هوندو ــ سڀني جو اهو رايو هو.

هڪ دفعي سال جي آخري رات انٽرڪانٽينينٽل هوٽل ۾ عطيه سان گڏ دارا کي ڊانس ڪندو ڏسي، سڀني سچائيءَ سان اعتراف ڪيو ته واقعي دارا جي شخصيت ارشد کان ڀر اثر هئي.

مونا ٻڌو ته هن طنز سان مرڪي ڏنو.

”آهي به ڇڻ ڪو اٿينس جو ذهين ۾ سهڻو شهزادو نه. توبهه! ماڻهن کي ڪنهن جي ذري جيتري خوبيءَ کي آسمان تي چاڙهڻ ۾ الائي ڪهڙو مزو ايندو آهي.“


Scanned with CamScanner

نه هجي، ته پوءِ راهه جي چونڊ ڪابه معنيٰ نه رکندي آهي، آبي.... ۽ 'منزل' جو تصور به توئي منهنجي دل ۾ رهڻ نه ڏنو هو."

فريدا عجب مان پڇيو:

"ڇا، مونا توکي اڄا تائين ياد آهي؟"

"افسوس، مان هن کي وساري نه سگهيو آهيان. تون ٻڌي شايد اعتبار نه ڪرين .... پر ننڍي هوندي کان وٺي، مون جڏهن مونا کي ڏٺو هو، تڏهن کان ئي مان سوچيو هو ته وڏو ٿي مان هن سان شادي ڪندس.

".... ۽ توکي خبر آ.... پوءِ هن تائين رسڻ جي ڪا واٽ نه ملي....!! ۽ جيڪو ڀٽڪي ويو، تنهن لاءِ منزلون ۽ واٽون بي معنيٰ ٿيو وڃن."

فريده چپ ٿي وئي– ڪن رکي طنز مان چيائين:

"ڊونگ نه ڪر دارا— پوءِ به توکي پرواهه ڪانهي– ۽ تون بيحد خوش ۽ مطمئن آهين!"

دارا جي اکين ۾ شڪايت ڀرجي آئي. هن سگريٽ جي رک ڇنڊيندي چيو:

"زندگي بيشڪ آهي. وقتي طور خوشگوار به .... پوءِ به جيئڻ لاءِ ڪو مقصد سامهون ڪونهي .... اهو همه گير مقصد، جنهن کي ڇڏي ڪوئي مرڻ نه چاهيندو آهي .... ۽ مون کي موت کان بچڻ لاءِ، جيئڻ لاءِ گرفت ۾ آڻڻ لاءِ ڪوئي مضبوط مقصد ڪونهي مون کي چوي ته تون سياڻي مري ويندين، ته مون کي هتي ڪنهن به پياريءَ چيز جي ڇڏڻ جو افسوس نه ٿيندو— ۽ مان ائين ڏرتيءَ جو بار بڻجي مرڻ نٿو چاهيان .... پر ڪنهن جي دل جي تمنا بڻجي .... جيئڻ مرڻ بعد به ڪنهن جي دل ۾ ياد بڻجي زنده رهي سگهان."

فريده جون اکيون هيٺ جهڪي ويون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميجر اقبال جي ماءُ هن جي آڱر ۾ هيري جي منڊي پارائي، ڪيس پيشانيءَ تي چمي ڏني. هيري جي چمڪ آڏري مونا جي اکين ۾ سمائجي وئي. سندس اکيون منڊيءَ ۾ جڙيل وڏي هيري کان به وڌيڪ چمڪي رهيون هيون. هوءَ خوش هئي. ان ڪري نه ته ڪيس ميجر اقبال پسند هو. ڪيس ميجر اقبال پسند يا ناپسند ڪجهه به نه هو. هيءَ سڀ ته رسم دنيا هئي. ميجر نه سهي، ڪو ٻيو سهي. زندگيءَ جي ڊگهي ڊوڙ ۾ هن کي پنهنجي حفاظت لاءِ ڪنهن نه ڪنهن جو هٿ پڪڙڻو هو. سندس والدين هن جو هٿ هڪ اجنبي اڻڄاڻ شخص جي هٿ ۾ ڏنو هو.

جنهن جي رفاقت جو ثبوت هيءَ هيري جي منڊي هئي، جيڪا البت هن جي مسرت جو باعث ضرور هئي. هن کي زيورن سان ذرو به چاهه ڪونه هو. هوءَ ڪڏهن به ڪجهه نه پائيندي هئي. پر ننڍي کان وٺي هن جي دل جي خواهش هئي- چڱي خاصي وڏي هيري جي منڊي— جيڪا جڏهن هوءَ ڳالهائيندي ڳالهائيندي هٿ هلائي ته ڪنوڻ جيان چمڪي، ساٿين جو ڌيان ڇڪائي ڇڏي.

اها ننڍپڻ جي آس اڄ ميجر اقبال جي طفيل پوري ٿي هئي. ۽ هوءَ پنهنجي آڱر ۾ پيل منڊيءَ کي ڏسي خوش ٿي رهي هئي.

فواد بحرين کان واپس آيو، ته سندس ماءُ هن جي اچڻ جي خوشيءَ ۾ شاندار پروگرام ٺاهيا. ديس، پرديس جي مائٽن کي دعوت موڪليائين. مونا کي جيتوڻيڪ پڪ هئي ته، هنن محفلن ۾ انٽرٽين (Fntertain) ٿيڻ جو سامان نه

هوندو، پر رسمي شرڪت ضروري هئي.
عاسما ڪيس ٻڌايو ته، دارا جن به شرڪت ڪرڻ آيا آهن. هن سوچيو:
”جنهن جي شخصيت ۾ ايڏو زبردست ميجڪ (Magic) آهي، ان ڪي گهٽ ۾ گهٽ ڏسڻ ته ضرور ڪبي... ۽ نيٺ به ڏسڻ ۾ چاهي آخر....!!“
رات جو ڊنر تي هن رڳو دارا کي ڏسڻ لاءِ ئي هيڏي هوڏي نگاهون ڦيريون. پر ڪيس ڪابه اجنبي صورت نظر نه آئـي. اشفاق، فواد، سعيد، خرم سڀ جاتل سڃاتل ٻينا هئا، هن کي توري ڪمي محسوس ٿي.
هوءَ عاصما سان ڳالهائي رهي هئي. اوچتو هن جي نگاهه هڪ غير واقف صورت تي پئي.
مهانڊا ڪجهه ڪجهه فوزيه سان ملندڙ، شخصيت واقعي دلفريب ۽ سچ پچ اٿينس جي شهزادن جهڙي شاندار قدوقامت. هو سڀني کان پري لاتعلقي سان ٻينو هو ۽ ٻڪيءَ سان ڏاڍي شائستگي سان ڳالهائي رهيو هو.
آسپاس فيشن شو ۾ حصو وٺندڙ ڇوڪرين وانگر سينگاريل ڇوڪريون ٻيٺيون هيون ۽ دارا ڪنهن کي به نه ڏسي رهيو هو. مطمئن پروقار صورت ۽ اهو ئي بيحد اثرانگيز دلنشين آواز. هـوءَ حيران رهجي وئـي. هـن جون اکيون هار ڪائـي هيٺ جهڪي ويون.
هوءَ اهو ڏسڻ لاءِ منتظر هئي ته، دارا ضرور سستي قسم جا مذاق شروع ڪندو ۽ ڇوڪرين کي فواد ۽ اشفاق جن وانگر حريص نگاهن سان ڏسندو— پر دارا ڏاڍي وقار سان پري ٻينو هو. ايتري بي نيازي ۽ اطمينان سان، ڄـڻ هال ۾ سڀ ٻڪيءَ جهڙيون معمر عورتون ويٺيون هيون.
ڪيس تعجب ٿي رهيو هو ته، هن دارا لاءِ جيڪو تصور

مان ڪهڙو فائدو. جيڪا ٻه هئي، وساري ڇڏ.“

”وساريندس آپي — تون ڪرڳو ٻڌاءِ ته —“ هو اچا سواليه نگاهن سان ڪيس تڪي رهيو هو.

”ها — اها مونا هئي.“ چانهه جي پيالي ۾ کنڊ ملائيندي فريدا گهٽيل آواز ۾ چيو.

دارا جون اکيون خوشيءَ کان چمڪڻ لڳيون.

”سچ !؟.... مون کي پاڻ سندس خدوخال ڏسي خيال ته آيو، پر ڪ سان نه پڇو چئي سگهان.“

هن جي تصور ۾ مونا جي صورت ڦري آئي.

شهزادين جهڙو گريس (Grace) ۽ ڊگنٽي (Dignity)....

منفرد انداز.... ۽ بي پرواهي اهڙي جڻ جهنگل جي وحشي هرڻي.

فريدا شفقت سان هن جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو:

”منهنجي هڪ ڳالهه ڌيان سان ٻڌ دارا !“

”چئه آپي —“ هو پنهنجي سهاني خواب مان موٽي آيو.

”جيڪا چيز لاحاصل هجي، ان جي چاهه ۾ پنهنجو سک ڦٽائڻ اجائي بيوقوفي ناهي!؟“

”پر مان هن کي حاصل ڪري رهندس آپي. مان هينئر اڳي وانگر ميدان ڇڏي نه ويندس.“

”سڀ اجايو آ.“ فريده رنجيده آواز ۾ چيو- ”ناممڪن!“

”ناممڪن ڇو؟.... مان . .. مان هن کي حاصل ڪري رهندس، تون ڏسجانءِ....!“

هن جي آواز ۾ استحڪام هو ۽ اکين ۾ عزم جي چمڪ —

فريدا سهمجي هن ڏانهن ڏٺو- چپن کي چڪ پائي هن رکجي رکجي چيو:

”ڇهه مهينا اڳ مونا جو مڱڻو .... ميجر اقبال سان ٿي چڪو آهي.... ۽ سندس شادي.... هن مهيني جي آخر ۾

ٿيٺي آهي.... دراصل دارا.... سون کي اهو سڀ تو کي ٻڌائڻ وسري ويو هو...."

"ڇا....!!؟" دارا حيرت مان رڙ ڪئي.

ٻئي لمحي هن جي اکين ۾ انت ۾ پيڙا ڀرجي آئي. ڏجندي فريدا هن ڏانهن ڏٺو.

سندس چهري تي قبرستان جهڙي ويراني ۽ تاريڪي نظر اچي رهي هئي. ۽ هن جون چڪندڙ پرازم اکيون وسامي ويل ڏيئي وانگر بي رونق لڳي رهيون هيون.

["نئون نياپو"، جلد ٢، نمبر ٣، سيپٽمبر - آڪٽوبر، ١٩٧٦]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٻه رستا هڪ منزل

ڊرائينگ روم مان هن جو تيز آواز اچي رهيو هو— ڪيس آئي ڪافي وقت ڏسي ويو هو، پر وڃڻ هميشه وانگر اڄ به ڪيس ياد نه هو.

اڄ هن جي اچڻ تي هوءَ هميشه جيان بي آرام نه هئي، ۽ لائونج ۾ ويٺي، ڏاڍي سڪون سان دنيا جي عظيم چيمپئن محمد علي ڪلي تي لکيل مضمون پڙهي رهي هئي.

سامهون فضا خزان جو پورو سمپل نظر اچي رهي هئي.

ڪمپائونڊ ٻاهران نم ۽ سرنهن جي وڻن جون ٽاريون مالهيءَ ڇانگي ڇڏيون هيون. وڻن جون ننڍيون ٽاريون پنن ٻنا فضا ۾ ائين لڳي رهيون هيون، جيئن ڪنهن مشاق مصور آسمان جي نيري ڪئنوس تي خزان جو اسڪيچ ڪڍيو هجي.

هن کي اهو منظر ڏاڍو وڻي رهيو هو— هن ”ٽائيم“ بند ڪري، ٽپائيءَ تي رکي ڇڏيو. ٽارين جي وچان آسمان جي نيراڻ ڏاڍي پياري نظر اچي رهي هئي ۽ پريان مسز عابديءَ جي بنگلي جي سمر هائوس تي ڪبوترن جو جوڙو ويٺو هو. دور نظر نهار تائين آسمان جي نيراڻ ڦهليل هئي.

”قدرت جي مصوري ۾ ڪيڏي نه ڪاريگري ۽ ڪيڏو نه حسن آهي.“ هن کي پنهنجا ڪڍيل اسڪيچ بي رنگ، بي معنيٰ محسوس ٿيڻ لڳا.

وسعتون هن کي هميشه وڻنديون هيون. سمنڊ جون، آسمان جون ۽ ميدانن جون. ويڪراڻ کي ڏسندي، خود هن کي پنهنجو وجود به ايترو ئي وسيع محسوس ٿيندو هو.

الائي ڪيتريءَ دير تائين هوءَ قدرت جي مقابلي ۾

جڏهن کان رياض جو ٽرانسفر هتي ٿيو هو، تڏهن کان وٺي اڄ تائين، انڪل هن سالن جي عرصي ۾، هو هفتي ۾ ٻه ٽي يا چار شامون اڪثر هنن وٽ گذاريندو هو. رياض وٽ ڪير ڪير ٿو اچي، ڇو ٿو اچي، اهو سڀ ڄاڻڻ جي هن ڪڏهن به تڪليف نه ورتي هئي. پر سندس گهر سان حامد جي دلچسپي ڏينهون ڏينهن وڌندي نمايان ٿيندي وئي، ۽ سچي ڳالهه اهو محسوس ڪرڻ لڳي ته پس پرده ڪجهه ضرور آهي. پوءِ به هن پاڻ کي ڪنهن خوشفهميءَ يا غلطفهميءَ ۾ مبتلا ڪرڻ نه چاهيو هو. هن جي ساڻس گفتگو ”هيلو، خوش آهين!“ کان اڳتي نه وڌي هئي. جڏهن به هو هن جي سامهون پهچي ويندو هو، ته رسمي خيروعافيت کان پوءِ ياسمين کي اڪثر سندس ڀيڻ پروين جي خيريت پڇڻ ياد اچي ويندي هئي. حامد خفي ٿي ابتا سبتا جواب ڏئي اٿي هليو ويندو هو.

پوءِ به حامد کي آٿت هو. ڇو ته جي هوءَ هن سان گهري نه هئي، ته ٻئي ڪنهن سان به نه هئي. ’سندس عادت ائين هوندي.‘ ۽ هن جي عادت جو ائين هجڻ حامد کي پاڻ وڻندو هو.

پوءِ سڄي گهر ۾ حامد جو ذڪر گهڻو ٿيڻ لڳو. (سندس موجودگيءَ ۾ خاص ڪري.) ’حامد ڪيڏو نه نهٺو ۽ نيڪ ڇوڪرو آهي....‘

هن جي گهٽ ڳالهائيندڙ ماءُ کي به حامد جي تعريف ضرورت محسوس ٿيندي هئي.

”ها، امان! مون کي پاڻ تعجب ٿيندو آهي ته، ٽي هزار ايڪڙ جو اڪيلو مالڪ ٿي ڪري به، نه ته کيس ڪا وڏائي آهي، نه ڪا خراب عادت.“

رياض تعريف سان گڏ تعجب جي به ضرورت محسوس ڪندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻ ڏنگ ڳولڻ لڳي، جو ڪيس چڙ اچي ويئي.
"ڪوٺي ڪٿي سٺو ٻه لڳي ته ٻه ائين لڳاتار ڪنهن ڪي ڏسڻو آهي؟"

هوءَ ڪيس دعوت ڏئي هلي وئي. ڪجهه ڏينهن بعد ياسمين سيڻي گهر ٻاتين سان گڏ حامد جي گهر وئي.

حامد جي گهر اچي ياسمين کي تعجب سان گڏ ڏک به ٿيو. بيش قيمت سامان، بنا ڊيڪوريشن جي ائين ٽڙيا پکڙيا پيا هئا، ڄڻ ڪنهن لاوارث جو مال. ديوارن تي ڪنهن مشهور مصور جي ڪا پينٽنگ ته ٺهيو، پر ڪوئي ڪئلينڊر به ڪونه هو ۽ ڳولڻ سان به پڙهڻ لاءِ ڪو اخبار جو پراڻو ٽڪر به نه پئي ملي سگهيو. اهو ڏسي هن سوچيو، مان ته جيڪر هن گهر ۾ هڪ پل به گذاري نه سگهان.

پر حامد سندس زندگيءَ جو هر پل انهيءَ گهر ۾ گذارڻ لاءِ پروپوزل ڏئي ڇڏيو.

انهيءَ موضوع تي گفتگو ڪندي، سندس وڏي روشن خيال آپي به جڏهن چيو، "اهي تنهنجا ٻاڳ آهن، جو اهڙو سٺو، وڏو ماڻهو ۽ چاهيندڙ گهوٽ ملي رهيو آهي."

۽ اهو ٻڌي هن کي پنهنجي ٻاڳ تي روئڻ اچي ويو.
"اوهه! هن سڄي گهر ۾ هڪ به منهنجو همخيال ڪونهي."

"تون سڄي خاندان ۾ سڀني کان وڌيڪ ٻاڳ واري ڇوڪري ٿيندينءَ" هن جي ماءُ حامد جي وڪالت شروع ڪئي.

"پر...... زميني ماحول مون کي پسند ڪونهي امان.... ۽ وڏيرن وٽ ننڍيءَ وڏيءَ ڳالهه تي خون ڪرائڻ ذاتي هٿ جو کيل آهي. جيڪو طبقو انسانن تي ايترو ظلم ڪندو هجي، مان ان طبقي سان...." هوءَ چوندي چوندي، روئڻهارڪي ٿي وئي. سندس پيڻ کيس دلاسو ڏيندي چيو: "انهن اجاين ڳالهين کي ڇڏي ڏي، هن دنيا ۾ ڪوبه فرشتو ڪونهي.


Scanned with CamScanner

هوءَ چبوتري جي ڏاڪڻ تي ويٺي سوچي رهي هئي.

”ابي، اڄ ادا حامد مون کي هيءَ گڏي وٺي ڏني-ڏس ته....“ هن جي ننڍڙي ڀيڻ سلمه کيس گڏي ڏيکاريندي چيو.

”هون....!! سٺي آ.“ هن بي دليءَ سان گڏي ڏسي واپس ڪئي.

”آپي ادا حامد پيو چوي تون ڏاڍي سٺي آهين. منهنجي ڀيڻ ٿيندينءَ؟“

”.........“

مون چيومانس، ”نه مان رڳو پنهنجي آپا جي ڀيڻ آهيان.“

”..........“

آپي، پوءِ چوي پيو......“

”چڱو - منهنجو مغز نه کاءُ - توبهه، جنهن کي ڏس، تنهن کي حامد حامد لڳي پئي آ.“

”آپي، توکي ادا حامد نه وڻندو آ ڇا؟“ سلمه هن جي ناراضگيءَ کي عجب مان ڏسي پڇيو.

هن ڪان ڇرڪ نڪري ويو - حامد لاءِ هن جي بيزاري ايڏي ته واضح ٿي چڪي هئي، جو سلمه ٻار هوندي به محسوس ڪري وٺي هئي. ”پر امان ۽ آپي ته ڏس....“ هن اداسيءَ مان سوچيو.

”بعض وقت ٻارن جي سمجهه ڪيڏي نه تيز ٿي ويندي آهي، وڏا چاهيندي به لنوائيندا آهن.“

”نه سلو - سڀئي ماڻهو سڀني سٺن ماڻهن کي وڻندا آهن.“ هن اداسيءَ مان چيو.

پوءِ انهن ڏينهن ۾ جڏهن حامد جي پروپوزل ڪوڊيڊ اسٽيج مان نڪري گول ميز ڪانفرنس جو فرسٽ نمبر فائيل بڻجي ويو هو، رياض جي سيلاني طبيعت جنبش ۾ اچي وئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فطرتاً رياض سندس مڙس جو طرف وٺندو هو، ۽ هن جي ماءُ ۽ ڀيڻ شميءَ جي وڪالت ڪنديون رهيون.

اڄ انهيءَ شميءَ جي ذڪر جو ٻهانو هٿ ڪري هن حامد لاءِ ساڻس ڳالهائڻ ٿي چاهيو. ڏاڍي مشڪل سان هن پنهنجي ڪاوڙ کي روڪيندي، ڏاڍي ڌيرج سان چيو، ”منهنجي خيال ۾ جيڪي صحيح لڳي اهو ڪرڻ کپي - ڇو ته هر ڪنهن کي ٻئي جي خيالن تي نه پر پنهنجن خيالن تي هلڻ جي طاقت مليل هوندي آهي.“ رياض لاجواب ٿي ويو. هن گهٽيل آواز ۾ تائيد ڪئي.

ريزيڊنسيءَ وٽ پهتا ته سندن پير واري روم ۾ رهندڙ يونانين جهڙو خوبصورت پرويز ۽ سندس زال ڪين گڏي.

”هلو، ڪيڏانهن؟“ رياض چيو.

”پڪچر تي — توهان هلندؤ؟“

رياض ياسمين جي رضا لاءِ ڏانهس ڏٺو.

”اڄ نه — ڪڏهن ٻئي دفعي“ ياسمين رکائيءَ مان چيو.

هو ريلوي رنائرنگ رومس طرف مڙيا. پوءِ سڄو رستو هنن ڪونه ڳالهايو.

لکنئو جي نواب جن اڄا لائونج ۾ ويٺل هئا. سفيد براق وردي ۽ ڪلف دار پٽڪا پهريل بيرا ڦڙتيءَ سان ڊنر پهچائڻ ۾ رڌل هئا. سامهون روم ۾ رهندڙ اڪيلو نوجوان اڄا تائين ڦوهاري پرجان ويٺو، سندن هر چرپر کي دل ۾ اتاري رهيو هو- ۽ آمريڪن ليڊي پاڻ تي پوندڙ حريص نگاهن جي احساس کان مسرور نظر اچي رهي هئي.

”اڙي، تڏهن هن ويچاري هيءَ سموري شام رياضت ۾ وڃائي ڇڏي!“ ياسمين سوچي مرڪي ڏنو.

ٻئي ڏينهن صبح جو هوءَ رياض سان گڏ ٻاهر ڪانه وئي. رياض پنهنجي هڪ پراڻي دوست سان ملڻ هليو ويو.

منجهند جا ڏهه کن ٿيا هئا. صرف اهڙي وقت هوٽل جو ماحول پرسڪون هوندو هو. هوءَ پنهنجي ڪمري جي ٻاهران ايزل بيهاري، ڪئنوس تي اسڪيچ ڪيڻ لڳي. ڪافي دير تائين به جڏهن هن جو تخيل واضح صورت وٺي نه سگهيو ته هن خفي ٿي برش رکي ڇڏيو.

”اف، عجب حالت آهي- ڪٿي به من نٿو لڳي؟“

ايزل ريڙهي، ديوار سان لڳائي، هوءَ مڙي ته هن ڏٺو سامهون ڪئميرا هٿ ۾ جهلي پرويز هن جي اڌوري تصوير کي غور سان ڏسي رهيو هو.

”ڪهڙي نه شاندار آئيڊيا آهي!“ هن تصور کي غور سان ڏسندي چيو.

”جي، شاندار...... هيءَ ته اجا ديواني جي خواب جهڙي منجهيل چيز آهي.“

ياسمين چپن ۾ مرڪي، جڻ هن جي سمجهه ۽ پنهنجي تصوير تي طنز ڪئي.

”بهرحال.... وري به اسان ڪان ته زور آهيو. هو شعر نه ٻڌو اٿو، مسز رياض.“

ايک هم هيں کہ ہيں صورت سے بهی اپنی بيزار
ايک وه ہيں، جنهيں تصوير بنانا آتی ہے

پرويز کلي چيو- هوءَ ٿورو شڪجي وئي. هلڪي چيائين ”جي، مان رياض جي ڀيڻ آهيان.“

”او، ويري ساري.“

”خير ڪا ڳالهه نه آهي- مٿرڊ ماڻهن کي سڄي دنيا مٿرڊ نظر ايندي آهي.“

”اهو ته هائي توهان بدلو ٿا وٺو- حالانڪه مان مٿرڊ ڪونه آهيان.“

”تڏهن هوءَ چارمنگ ڇوڪري ۽ ننڍو ٻار؟“

ڪيس سوچيندي ڏسي، هن چيو، ”مون چيو نه، توهان
پورو بدلو ورتو- ثريا منهنجي ڀيڻ آهي.“
”..................“
”خير، رهڻ ڏيو انهيءَ ڳالهه کي، توهان کي ماڊرن آرٽ
پسند آهي يا........؟“
”ماڊرن آرٽ لاءِ خود پڪاسو ٿي انڪشاف ڪري
ويو ته بيڪار آهي، ته اهي سيڪڙن هاٿي ڪيئن پسند ڪري
سگهنداسين.... بهرحال مون ڪنهن به هڪ گروپ سان پاڻ
کي ٻڌل نه رکيو آهي.“
”پوءِ به ڪيترا مصور آهن، جن کي اڄ به ماڊرن آرٽ
ديوانگيءَ جي حد تائين پسند آهي. بهرحال مون کي ته صادقين،
چغتائي ۽ گل محمد کتريءَ جون تصويرون پسند آهن. چغتائيءَ
۽ صادقين خالص مشرقي رنگ ۾ پنهنجو آرٽ ڏنو آهي ته
ظفر ڪاظميءَ ۽ گل محمد کتريءَ خالص سنڌي رنگ ۾.“
”توهان گل محمد کتريءَ ۽ ظفر ڪاظميءَ جون
تصويرون ڏٺيون آهن؟“
”ايتريءَ حد تائين، جو منهنجي ڪمري ۾ هنن جون
ٻه پينٽنگس ٽنگيل آهن.
”۽ فيضي رحمين توهان کي ڪيئن لڳندو آهي؟“
”فيضي، اهو بدقسمت مصور جنهن جي فن تي گرانٽ
تڏهن منظور ٿي، جڏهن هو زندگيءَ جا آخري ڏينهن تڪليف
۾ گذاري مري ويو. پوءِ اها گرانٽ سندس پيرسن زال عطيه
فيضيءَ (اقبال جي همعصر) ڏانهن منتقل ٿي، ۽ ان کي به ڪيترو
وقت ملي سگهي؟- رڳو سال ڏيڍ!“ پرويز افسوس مان چيو.
”پر، اها نئين ڳالهه ته نه آهي. هر فنڪار جي قسمت
۾ اها ازلي بدبختي رهي آهي. فردوسيءَ ڏي به شاهنامي جو عطيو
کڻي قاصد ان وقت پهتو هو، جڏهن هو قبر ۾ داخل ٿي چڪو هو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪونہ ٿيون. هي گهرا رنگ، جيڪي زندگيءَ جون علامتون آهن. اسان کي ڪنهن بہ مشڪل ۾ مايوس ٿيڻ ڪونہ اچي. سنڌي ڏاڍا پرخلوص ۽ قانع ماڻهو ٿيندا آهن. پنهنجي حال ۾ مست." ياسمين چيو.

"ڇا توهان هن لباس ۾ پنهنجي ڪا تصوير ٺاهي آهي؟"

"پنهنجي تصوير مان خود ٺاهيان! جيڪڏهن توهان کي هي لباس ايترو پسند آهي تہ، هن تصوير ٺاهڻ لاءِ توهان کي مصور ٿيڻ کپي."

چوڻ کي تہ هن چئي ڏنو، پر پرويز جي چهري تي ان جو ردعمل ڏسي هوءَ گهبرائجي وئي.

"توبہ، ڇا بڪواس ڪيم."

"جي، منهنجو مطلب آ..."

هو مرڪي منهن ڦيري گلن ڪي ڏسڻ لڳو. گويا چوندو هجي، "مون مطلب سمجهيو — تنهنجي اکين مان — هينئر رهڻ ڏي، مطلب جي وضاحت ڪي."

پوءِ چانڊوڪي رات ۾، گرينڊ هوٽل جي لائونج تي ڊنر جي بهاني هنن پهر رات گذاري ڇڏي.

خنڪ هوا ۾ انگور جون وليون جهومي جهومي ڪي اڻ ڇاتا نغما الاپڻ لڳيون.

.... .... ....

ٻئي ڏينهن هوءَ وري رياض سان ٻاهر ڪانہ وئي، ۽ ڪنهن ڏينهن وارو اڌورو اسڪيچ مڪمل ڪرڻ لڳي.

آهستي آهستي تصوير جو رنگ اجاگر ٿيڻ لڳو. ٻنهي طرفن ڪان وڻن سان گهيريل پيچرو- اوپر کان سج جي روشنيءَ جا شعاع— سڙڪ تي قدمن جا نشان— ۽ هڪ مدّم انساني پاڇو— ثريا ڏاڪڻ تي وٺهندي چيو، "مان جيڪڏهن تو کي تصوير ڪڍندو ڏسان تہ، تون ڊسٽرب تہ نہ

ڏيندين ؟"

نہ، نہ — هينئر تہ صرف آخري ٽچ ڏيڻو آهي. آئيڊيا تہ مڪمل ٿي ويو."

"تون هتي هئين ته — مون تو کي ڪمري ۾ پئي ڳوليو."

پرويز ثريا کي هتي ڏسي هايو آيو.

"مان اڪيلي بور پئي ٿيس، پر هتي ياسمين سان ڳالهائڻ آيس تہ، هيءَ بہ پنهنجي تصوير ۾ گم ويٺي آهي."

"تصوير مڪمل ٿي؟" هو جهڪي غور سان هن جي تصوير ڏسڻ لڳو.

"ها."

"مان هن تي رايو ڏيان؟" هن مرڪي چيو.

"توهان مصوري ڄاڻو ٿا؟" هن جواب بجاءِ سوال ڪيو.

"مون بہ سال لاهور جي فائن آرٽ ڪاليج ۾ باقاعدگي سان ڪلاسز اٽينڊ ڪيا آهن."

"پوءِ تہ توهان بہ تصويرون ٺاهيندا هوندا؟"

"نہ، مون ڇڏي ڏنيون."

"ڇو؟" ياسمين کي عجب لڳو.

"هر فنڪار ازلي بدبخت هوندو آهي نہ، ۽ مان، فيضي يا فردوسي بڻجڻ نٿو چاهيان." پرويز زيرلب مرڪي هن جا اکر دهرايا.

"اوهہ!"

"مان تنهنجي تصوير تي رايو ڏيان؟"

"ڏيو —" هن گهٽيل آواز ۾ جواب ڏنو. کيس يقين هو تہ، هو کيس ضرور چيڙائيندو.

"ڏسو توهان هتي پاڇو ڏيکاريو آهي نہ، حالانڪہ اهو غلط آهي."

"منهنجي آئيڊيا جي مون کي خبر — پر هن ڪيئن

جي شفق اڏامي وئي ۽ رياض کي مٿس قياس اچي ويو. هن حامد کي انڪار ڪري ڇڏيو. بستري تي بيمار هن اها خبر ٻڌي ته، هن جي دل تان ڄڻ پوري ڌرتي جو بوجهه لهي ويو.

حامد اچڻ ڇڏي ڏنو- رياض چوندي ڇيو اهو لازم آهي.

پوءِ حامد جي شادي جي شوق ۾ بيحال ٿيندڙ سندس ماءُ هن جي رضامنديءَ سان ترت ئي هنڌ شادي طئي ڪئي ياسمين وڏو سک جو ساهه کنيو.

اڄ هو پنهنجي شادي جي دعوت ڏيڻ آيو هو. ايتري تائين تعجب جي ڳالهه نه هئي، جو رياض لاءِ هن جي دل ۾ بيحد عزت هئي، پر ياسمين کي اچڻ لاءِ خاص طور اصرار ڪرڻ ضرور عجيب هو.

ٻئي ڏينهن ڇئين بجي ڪار پهچي وئي. لاچار سڀ ان وقت تيار ٿي ويا.

انٽرنس گيٽ وٽ حامد سندس آجيان لاءِ منتظر بيٺو هو. ! ڇاڪاڻ ته ڪوبه مهمان ڪونه آيو هو. هو کين وٺي ڊائننگ روم ڏي هليو.

”توهان چانهه ته ڪونه پيتي هوندي نه؟“

”نه اسين پي آيا آهيون.“

”ته پلا، هڪ ڪپ پيو سهي.“

ڊائننگ ٽيبل ڪاڌي جي چيزن سان ڀري پئي هئي. ڪنهن وزير جي شاندار ائٽ هوم جو گمان پئي ٿيو.

”ايتري اهتمام جي پلا ڪهڙي ضرورت هئي. ڊنر لاءِ به ته آخر پيٽ ۾ جڳهه هئڻ کپي.“ ياسمن کي هن بي تڪلفي سان ڳالهائڻ ۾ هينئر ڪو عذر ڪونه هو.

”آخري دفعو توهان جو ميزبان ٿجي رهيو آهيان نه.... تڏهن....“ حامد مرڪي چيو. ياسمين ڇرڪي کيس ڏٺو- هن جي چهري تي سمنڊ جهڙي گهري ماتائي هئي.

ٿورو آهستي هلايو نه.... ڏسو ٿا ڪيڏي نه ڏريقڪ آهي.... جي خدانخواسته ڪجهه ٿي پوي ته...؟"

هن حامد جي ڪلهي تي هٿ رکي ڪيس جاڳائڻ چاهيو پر حامد ڪجهه نه ٻڌو.

اوچتو هڪ وڏو جهٽڪو کائي ڪار بيهي رهي. حامد ڏٺو ساهه کڻي مٺو اسٽيئرنگ ويل تي جهڪائي ڇڏيو.

"توهان جي طبيعت ته ٺيڪ هي نه؟" سامهون ونڊ اسڪرين مان دور نهاريندي هن آهستي ٻڪيو:

ياسمين، مون سوچيو هو، جي مان توسان گڏ زندگي گذاري نٿو سگهان ته گڏ مري ته سگهان ٿو ... پر پوءِ خيال آيو ته، جيڪڏهن هن ايڪسيڊنٽ ۾ تون به مري وڃين، ۽ مان بچي پوان ته ...؟ تڏهن مون ڪار بيهاري ڇڏي." هڪ زخمي مرڪ هن جي خشڪ چپن تي وري وئي.

ياسمين جي حيران اکين ۾ افسوس ۽ پشيماني جا تاثرات گڏ ٿيڻ لڳا. "اف، منهنجا رب ...!" ... هن اکيون ٻوٽي ڪنڌ سيٽ جي ٻنيءَ تي لاڙي ڇڏيو.

مندس دل ايڏو ته زور سان ڌڙڪي رهي هئي، جو کيس لڳو ته اها به ائين ئي اچانڪ جهٽڪو کائي بيهجي ويندي جيئن حامد ڪار کي وڏي جهٽڪي سان بيهاريو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book